روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد ڇهون) جمعو 19 مئي 2023 ع بمطابق 28 شوال المڪرم 1444ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 353

سُپريم ڪورٽ بار پاران 9 مئي واقعن جي مذمت، فوجي عدالتن ۾ ٽرائل جي مخالفت

تشدد ۽ تباهي جون اهڙيون ڪارروائيون نه رڳو قانون جي حڪمراني کي چيهو رسائين ٿيون، پر ملڪي سلامتي کي به خطري ۾ وجهنديون آهن :بار

سيڪيورٽي خدشا ختم ڪرڻ ۽ امن امان برقرار رکڻ ضروري آهي، انصاف ۽ مناسب عمل واري اصول کي برقرار رکڻ به اوترو ئي ضروري آهي

فوجي عدالتن ۾ ٽرائل سان شفافيت، غيرجانبداري ۽ شهري آزادي جي تحفظ تي سوال جنم وٺي سگهن ٿا، يقيني بڻائڻ گهرجي ته الزام هيٺ آيل ماڻهن کي بنيادي حق ۽ منصفاڻي ٽرائل جو موقعو ملي

فوجداري انصاف جو نظام اڳواڻ موجود آهي، فوجي عدالتن ۾ ٽرائل غيرآئيني هوندو، سول عدالتن کي مضبوط بڻائڻ ۽ دهشتگردي جا ڪيس اڪلائڻ لاءِ سندن صلاحيت وڌائڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي

فوجي ٺڪاڻن کي نشانو بڻائڻ قومي سلامتي لاءِ خطرو آهي: بار پاران جاري ڪيل بيان ۾ اظهار

سپريم ڪورٽ بار حڪومت ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کان 9 مئي جي واقعن جي آزاد جاچ ڪرائڻ جو به مطالبو ڪيو

اسلام آباد(م ڊ) سپريم ڪورٽ بار ايسوسيئيشن 9 مئي جي واقعن جي مذمت ڪندي فوج سان ٻڌي جو اظهار ڪيو آهي، جڏهن ته فوجي عدالتن ۾ ٽرائل جي مخالفت ڪئي وڃي آهيبار پاران جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي ته تشدد ۽ تباهي جون اهڙيون ڪارروائيون نه رڳو قانون جي حڪمراني کي چيهو رسائين ٿيون، پر ملڪي سلامتي کي به خطري ۾ وجهنديون آهن، فوجي ٺڪاڻن کي نشانو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01


اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سان ايراني صدر ابراهيم رئيسي ملاقات ڪري رهيو آهي

پاڪستان جي صورتحال تي 60 ڪانگريس ميمبرن جو آمريڪي پرڏيهي وزير کي خط

واشنگٽن (م ڊ) پاڪستان جي صورتحال تي آمريڪا جي 60 ڪانگريس ميمبرن پرڏيهي وزير انٽوني بلنڪن کي خط لکي چيو آهي ته پاڪستان ۾ جمهوري قدرن ۽ انسان حقن جو احترام يقيني بڻائڻ لاءِ دٻاءُ وجهڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي.ان ڪانسواءِ خط ۾ سياسي مخالفن جي خلاف ڪريڪ ڊائون تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

9 مئي جي واقعن پويان پي ٽي آءِ قيادت هئي :شرجيل ميمڻ

پي ٽي آءِ جي پرتشدد احتجاجي مظاهرن ۾ جن ماڻهن جون موٽر سائيڪلون ساڙيون ويون

موٽر سائيڪلن جا پئسا انهن ئي دهشتگردن کان وصول ڪيا ويندا، دهشتگردن جي سڃاڻپ ٿي چڪي آهي

عمران خان اداري تي الزام هنيو پر وڊيوز ۾ ان جا ماڻهو نظر اچي رهيا آهن

پوليس وارن تي تشدد ڪيو ويو، بدترين طريقي سان ملڪيتن کي نقصان پهچايو ويو

ڪراچي(اسٽاف رپورٽر) اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته سنڌ ۾ مڪاني چونڊن جي شيڊول ۾ غيرضروري دير سان بيچيني پيدا ٿي رهي آهي، چاڪاڻ ته مڪاني چونڊن جي پهرين مرحلي کي هڪ سال کان وڌيڪ عرصو ٿي ويو آهي پر چونڊيل مڪاني نمائندا اڃا تائين قسم کڻي نه سگهيا آهن، اُن باوجود اليڪشن ڪميشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04


ڪراچي: اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ وارو صوبائي وزير شرجيل انعام پريس ڪانفرنس ڪندي

آرمي چيف کي هٽايو، صدر کي عمران جو حڪم

لاهور(م ڊ) صدر عارف علوي 11 مئي تي جڏهن پوليس لائين ۾ عمران خان سان ملاقات ڪئي هئي ته صدر علوي کي عمران خان چيو هو ته اوهان سپريم ڪمانڊر آهيو، آرمي چيف کي عهدي تان هٽائي ڇڏيو، ان ڪارروائي ۾ اوهان کي سسٽم مان پرپور مدد ملندي گهبرائڻ جي ضرورت نه آهي،ناميار صحافي معظم فخر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

روسي ڪچي تيل جو جهاز رستي ۾ آهي :مصدق ملڪ

عالمي مالياتي ادارن جي اعتراضن تي في الحال عوام لاءِ سستي پيٽرول پيڪيج تي عملدرآمد روڪيو ويو آهي

معاهدي تحت روسي تيل جو اگهه نٿا ٻڌائي سگهون پر پاڪستان کي روسي ڪچي تيل تي سٺي رعايت ملندي

پاڪستان ۾ 14 ارب ڊالرن تائين جي سيڙپڪاري سان ريفائنري لڳي رهي آهي

اسلام آباد(م ڊ) پيٽروليم بابت مملڪتي وزير مصدق ملڪ چيو آهي ته عالمي مالياتي ادارن جي اعتراضن تي في الحال عوام لاءِ سستي پيٽرول پيڪيج تي عملدرآمد روڪيو ويو آهي، اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي مصدق ملڪ چيو ته روسي ڪچي تيل جو جهاز رستي ۾ آهي، معاهدي تحت روسي تيل جو اگهه نٿا ٻڌائي سگهون پر پاڪستان کي روسي ڪچي تيل تي سٺي رعايت ملندي هن چيو ته پاڪستان ۾ 14 ارب ڊالرن تائين جي سيڙپڪاري سان ريفائنري لڳي رهي آهي، عالمي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ شاهه محمود قريشي جي آزادي جو حڪم ڏئي ڇڏيو

جسٽس ميان گل حسن اورنگزيب ٿري ايم پي او تحت شاهه محمود قريشي جي گرفتاري خلاف درخواست تي ٻڌڻي ڪئي

ڪجهه به ٿئي، توهان کي ٻڌائي رهيا آهيون ته ٺيڪ نه پيو ٿئي : جسٽس ارباب طاهر جا ريمارڪس

اسان ڏٺو آهي ته گهريلو عورتن پنهنجي مڙسن کي به قتل ڪيو آهي، گهريلو عورتون ڪجهه ٻين سرگرمين ۾ ملوث ٿي سگهن ٿيون: آءِ جي اسلام آباد


پي ٽي آءِ اڳواڻ شاهه محمود قريشي

اسلام آباد(م ڊ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ پي ٽي آءِ اڳواڻ شاهه محمود قريشي کي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جسٽس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

بلين ٽري سونامي منصوبي جي سربراهه ملڪ امين اسلم به پي ٽي آءِ ڇڏي ڏني

وقت هڪ ايجنڊا پارٽي کي هاءِ جيڪ ڪيو، ان تي پارٽي کي جوابده ٿيڻو پوندو : ملڪ امين اسلم

جتي جتي جلوس ڪڍيا ويا، انهن جو ٽارگيٽ فوجي ملڪيتون هيون

لاهور(م ڊ) اڳوڻي وزير ۽ بلين ٽري سونامي منصوبي جي سربراهه ملڪ امين اسلم به تحريڪ انصاف ڇڏڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو لاهور ۾ پريس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

پنجاب حڪومت جي ڊيڊ لائن ختم، پوليس زمان پارڪ تي آپريشن لاءِ تيار

پنجاب پوليس طرفان گذريل ڏينهن شروع ٿيندڙ زمان پارڪ جو گهيراءُ اڃان تائين جاري

زمان پارڪ جي ٻاهران موجود پي ٽي آءِ ڪارڪنن جا سمورا ڪيمپ خالي ٿي چڪا

فوجي ٺڪاڻن تي حملو ڪندڙ ڪيترائي دهشتگرد زمان پارڪ ۾ موجود آهن جن کي گرفتار ڪرڻو آهي : پنجاب پوليس

لاهور (م ڊ) پنجاب حڪومت طرفان زمان پارڪ ۾ موجود ماڻهن جي گرفتاري لاءِ پي ٽي آءِ کي ڏنل 24 ڪلاڪن جي ڊيڊ لائن ختم ٿيڻ واري آهي. 24 ڪلاڪن کان زمان پارڪ ڏانهن ويندڙ سمورا رستا بند آهن. گرفتارين جي لاءِ پوليس آپريشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18


لاهور: پوليس اهلڪار زمان پارڪ ڏانهن ويندڙ رستن تي بيٺل آهن

عمران خان ۽ بشريٰ بي بي طلب ڪرڻ باوجود نيب راولپنڊي ۾ پيش نه ٿيا

راولپنڊي (م ڊ) برٽش نيشنل ڪرائيم ايجنسي 190 ملين پائونڊ اسڪينڊل ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف جو چيئرمين عمران خان ۽ سندس گهرواري بشريٰ بي بي نيب راولپنڊي آفيس ۾ پيش نه ٿيا،نيب راولپنڊي طرفان پي ٽي آءِ چيئرمين کان 19 ڪروڙ پائونڊ جي غيرقانوني منتقلي بابت 20 سوالن جا جواب طلب ڪيا ويا هئا ۽ ڪيس لاڳاپيل دستاويزات به گڏ آڻڻ جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

نيب قانون آئين سان ٽڪراءُ آهي، تنهن ڪري پيش نٿو ٿي سگهان :عمران خان

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ 22 مئي تائين ڪيسن ۾ ضمانتن لاءِ وقت ڏنو آهي

نيب انڪوائري کي انويسٽيگيشن ۾ تبديل ڪرڻ جو ڪم غير قانوني آهي

لاهور (م ڊ) تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان نيب ۾ طلبي جي نوٽيس جو جواب ڏيندي چيو آهي ته نيب قانون آئين سان ٽڪراءُ آهي، تنهن ڪري پيش نٿو ٿي سگهان، نيشنل ڪرائم ايجنسي برطانيا جي 190 ملين پائونڊ جي ڪيس ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

احسن اقبال پي ٽي آءِ سان ڳالهين جي امڪان کي رد ڪري ڇڏيو

ڪرنل شير خان جو مجسمو، جناح هائوس ۽ ايم ايم عالم جي جهاز کي سخت نقصان پهچايو ويو : احسن اقبال

اهو سمورا ڪم پي ٽي آءِ اڳواڻن جي چوڻ تي ڪيا ويا. اڳواڻن چيو ته جنهن جي جيڪا ڊيوٽي آهي اهو اتي پهچي وڃي

عمران خان ڳالهين پنيان پنهنجن ڪيل ڏوهن مان اين آر او وٺڻ چاهي ٿو، هاڻ ائين نٿو ٿي سگهي

اسلام آباد (م ڊ) وفاقي وزير احسن اقبال پاڪستان تحريڪ انصاف سان ڳالهين جي امڪان کي رد ڪري ڇڏيو نجي چينل سان ڳالهين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ملڪ جي ٽن صوبن ۾ هيٽ ويو جو خدشو، موسميات کاتي خبردار ڪري ڇڏيو

ڪراچي (م ڊ) موسميات کاتي ملڪ جي ڪيترن ئي ضلعن ۾ گرمي پد وڌڻ ۽ هيٽ ويو جو خدشو ظاهر ڪري ڇڏيو ملڪ جي مختلف علائقن ۾ سج پنهنجو اثر ڏيکاري رهيو آهي ۽ گرمي جي شدت ۾ روز واڌ ٿي رهي آهي،هاڻ موسميات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

اڳوڻي گهرو وزير شهزاد اڪبر ۽ ماڊل صوفيه مرزا خلاف ڪيس داخل

شهزاد اڪبر ۽ ماڊل صوفيه مرزا خلاف اسلام آباد سيڪريٽريٽ پوليس اسٽيشن ۾ ايف آءِ آر داخل ڪئي وئي

ايف آءِ آر ۾ صوفيه مرزا جي ڌيءُ مريم مرزا، مائره خرم کان علاوه عميد بٽ ۽ علي مردان شاهه به نامزد

اسلام آباد(م ڊ) ديٽي ۾ رهندڙ ارب پتي واپاري عمر فاروق ظهور مٿان ڪوڙو ڪيس داخل ڪرڻ تي اڳوڻي گهرو وزير شهزاد اڪبر ۽ ماڊل صوفيه مرزا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

مردم شماري تي خدشا آهن، پنهنجي حصي جو پاڻي به نه پيو ملي :مراد علي شاهه

پنجاب ڪانسواءِ هر هنڌ مردم شماري 15 مئي تي ختم ٿي وئي، اسان کي سمجهه ۾ نه پيو اچي ته ائين ڇو ڪيو ويو؟ چيو پيو وڃي ته پنجاب جي گروٿ ايتري آهي

مان وفاقي وزير احسن اقبال سان ڳالهائي ڪيس خدشن کان آگاهه ڪيو آهي، مردم شماري جي حوالي سان مختلف ضلعن مان شڪايتون آيون آهن ۽ ڪيترن ئي ضلعن ۾ ڳڻپ ناهي ڪئي وئي

آدمشماري جا نتيجا قبول نه ٿا ڪريون. فيبروري کان ئي مردم شماري بابت خدشا آهن، اڳ چيو هو ته مردم شماري صحيح نه ٿي رهي آهي

عمران خان جي گرفتاري ۽ 9 مئي تي ملڪ ۾ جيڪي فساد ٿيا هئا، 9 مئي تي وارنٽ ذريعي جوابدارن جي گرفتاري تي سڄي ملڪ ۾ افراتفري پکڙجي وئي، اهو سڀ ڪجهه ٿيو

جناح هائوس لاهور ۾ جيڪو ٿيو اهو سڀن ڏٺو، پشاور ۾ ريڊيو پاڪستان جي عمارت کي ساڙيو ويو ،ڪراچي ۾ ماڻهن کي نقصان پهچايو ويو

پيپلز بس سروس کي نقصان پهچايو ويو، هڪ بس کي باهه ڏني وئي، ملوث ماڻهن خلاف ڪارروائي ڪئي پئي وڃي: پريس ڪانفرنس

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو آهي ته سنڌ جي آدمشماري گهٽ آهي، غلط ڳڻپ ڪئي وئي آهي، آدمشماري جا نتيجا قبول نه ڪنداسين. سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته آدمشماري جا نتيجا قبول نه ٿا ڪريون. فيبروري کان ئي مردم شماري بابت خدشا آهن، اڳ چيو هو ته مردم شماري صحيح نه ٿي رهي آهي. هن وڌيڪ چيو ته هو چاهين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03


ڪراچي: سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

عمران خان 9 مئي جي واقعي جي ڪليل لفظن ۾ مذمت ڪري :صدر عارف علوي

عمل ۾ انساني حقن جو خيال رکيو وڃي، مارڪٽ نه ٿيڻ گهرجي

عمران خان آرمي چيف جنرل عاصم منير جي مقرري جي مخالفت نه ڪئي هئي

عمران خان چيو هو ته جنرل باجوه کي ٻڌايو وڃي ته هو آرمي چيف طور قبول ڪيو ويندو

اسلام آباد(بيورو رپورٽ)صدر عارف علوي چيو آهي ته عمران خان 9 مئي جي واقعي جي ڪليل لفظن ۾ مذمت ڪري،نجي ٽي وي سان ڳالهائيندي صدر عارف علوي چيو ته 9 مئي جي واقعي ۾ ملوث ماڻهن خلاف به ڪارروائي ٿيڻ گهرجي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

باجوڙ ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪارروائي ۾ هڪ دهشتگرد مارجي ويو

فورسز دهشتگردن جي ٺڪاڻي جو پتو لڳايو ۽ دهشتگرد کي ماري وڌو

فورسز جي ڪارروائي دوران بهادري سان وڙهندي 23 ورهين جو سپاهي شفيق الرحمان شهيد ٿي ويو

راولپنڊي (م ڊ) باجوڙ جي علائقي لوئي سر ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪارروائي ۾ هڪ دهشتگرد مارجي ويو. جڏهن ته هڪ سپاهي شهيد ٿي ويو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

وزيراعظم شهباز شريف ۽ ايراني صدر پشين ۾ بارڊر مارڪيٽ ۽ بجلي ٽرانسميشن لائين جو افتتاح ڪري ڇڏيو

ايراني صدر ابراهيم رئيسي افتتاحي تقريب جي موقعي تي پوتو به لڳايو

تقريب ۾ پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري، وفاقي وزير مريم اورنگزيب ۽ ايراني اعليٰ اختيارين به شرڪت ڪئي

اسلام آباد (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف ۽ ايراني صدر ابراهيم رئيسي پاڪ ايران سرحد پشين تي واپار کي هٿي ڏيڻ لاءِ بارڊر مارڪيٽ ۽ بجلي ٽرانسميشن لائين جو افتتاح ڪري ڇڏيو بارڊر مارڪيٽ جي قيام سان سرحد جي ٻنهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07


وزيراعظم شهباز شريف ۽ ايراني صدر پشين ۾ بارڊر مارڪيٽ ۽ بجلي ٽرانسميشن لائين جو افتتاح ڪرڻ لاءِ اچي رهيا آهن

اتر وزيرستان: بنون منتقلي دوران اُچاتل ماڻهن جي فائرنگ ۾ 3 دهشتگرد مارجي ويا

دهشتگردن کي بنون منتقل ڪيو پئي ويو ته ان دوران اُچاتل جوابدارن طرفان فائرنگ ڪئي وئي

پشاور ۾ جوابدارن ۽ فورسز وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي، جنهن ۾ هڪ سيڪيورٽي اهلڪار زخمي ٿيو

علائقي ۾ سرچ آپريشن دوران هڪ حملي آور جو لاش به مليو آهي : سي ٽي ڊي

اتر وزيرستان (م ڊ) اتر وزيرستان ۾ اُچاتل ماڻهن جي فائرنگ ۾ 3 دهشتگرد مارجي ويا. جڏهن ته پشاور ۾ آپريشن دوران هڪ دهشتگرد مارجي ويو دهشتگردي ٽوڙ کاتي (سي ٽي ڊي) موجب اتر وزيرستان مان دهشتگردن کي بنون منتقل ڪيو پئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

سنڌ پوليس ۾ وڏي پيماني تي بدليون ۽ مقرريون

ايس ايس پي حيدرآباد امجد شيخ شڪارپور بدلي

عمران قريشي کي بدلي ڪري اي آءِ جي ايسٽ مئنيجمينٽ سي پي او مقرر ڪيو ويو

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ پوليس ۾ وڏي پيماني تي مقررين ۽ بدليون ڪيون ويون آهن، جنهن تحت ساجد سدوزئي کي ايس ايس پي / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12


اسلام آباد: نائين وارو وفاقي وزير اسحاق ڊار اجلاس دوران ڳالهائي رهيو آهي

آمريڪي صدر پاران چيني صدر سان ملاقات جو اشارو

جلد يا دير چيني صدر شي جن پنگ سان ملاقات ٿيندي : آمريڪي صدر

جي 7 سربراهي اجلاس 19 کان 21 مئي تائين جاپان جي شهر هيروشيما ۾ ٿيندو

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪي صدر جو بائيڊن چيني صدر شي جن پنگ سان ملاقات جو اشارو ڏئي ڇڏيو آمريڪي صدر جي 7 اجلاس ۾ جاپان وڃڻ کان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

مٿي الله، هيٺ عدليه، انشاءالله سڀ آئين ۽ قانون جي ٿيندي: شيخ رشيد

لال حويلي جو ڪيس به هنگامي طور تي لڳايو ويو آهي

جيستائين گرفتار نٿو ٿيان عوام سان رابطو رکڻ جي ڪوشش جاري رکندس

راولپنڊي (م ڊ) اڳوڻي گهرو وزير ۽ عوامي مسلم ليگ جي سربراهه شيخ رشيد احمد ملڪي صورتحال بابت ڳالهائيندي چيو آهي ته جون تائين آريا پار ٿي ويندو سماجي رابطن جي ويب سائيٽ ٽوئيٽر تي جاري ڪيل ٽوئيٽ ۾ هن پنهنجي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16 20


اسلام آباد: وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

زمان پارڪ مان فرار ٿيندڙ 8 شڪين کي حراست ۾ ورتو ويو آهي: ايس ايس پي

زمان پارڪ تي آپريشن بابت حتمي فيصلو اعليٰ آفيسرن جي حڪم تي ٿيندو

ٻيا ماڻهو به فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪن ٿا پر پوليس کي ڏسي واپس هليا ٿا وڃن

لاهور(م ڊ) سينئر سپرنٽينڊنٽ آف پوليس (ايس ايس پي) حسن جاويد چيو آهي ته زمان پارڪ مان فرار ٿيندڙ اٺ شڪي اٿهن کي حراست ۾ ورتو ويو آهي. ايس ايس پي موجب تصديقي اطلاع هئا ته 30 کان 40 ماڻهو زمان پارڪ اندر موجود آهن. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23


اسلام آباد: وفاقي وزير احسن اقبال رائونڊ ٽيبل ڪانفرنس دوران ڳالهائي رهيو آهي

علي گوهر مهر، راجا مهر ۽ حاجي خان مهر تي ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم

ٻڌڻي دوران حاجي خان مهر ۽ ٻيا ميرپورماٿيلي جي عدالت ۾ پيش ٿيا

ايڊيشنل سيشن جج سميع الله قريشي جي عدالت وڪيل قمبر شاهه جي درخواست تي ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم ڏنو

مهر سردارن جي چرچ تي حادثي ۾ ڪيس مارائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي : وڪيل قمبر شاهه

ميرپورماٿيلو (رپورٽر) جي ڊي اي اڳواڻ علي گوهر مهر، سنڌس ڀاءُ پ پ ايم پي اي راجا مهر ۽ اڳوڻي ضلعي چيئرمين حاجي خان مهر تي وڪيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13


حاجي خان مهر ميرپورماٿيلي جي عدالت ۾ پيش ٿيڻ لاءِ ايندي

پشاور رنگ روڊ تي ڌاڙيلن، هڪ ڄڻو فوت

ڌاڙيل موٽر سائيڪل ۾ ٿيو، ڌاڙي جي نوعيت جو پتو لڳايو پيو وڃي : پوليس

شروعاتي اطلاعن موجب ڌاڙيل موٽر سائيڪل جي مرمت دوران ٿيو

پشاور (م ڊ) پشاور جي علائقي رنگ روڊ تي هوٽل پرسان ڌاڙيل جي نتيجي ۾ هڪ ڄڻو فوت ۽ 3 زخمي ٿي پيا آهن پوليس موجب ڌاڙيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

نورين فاطمه کي قتل ڪرڻ بعد آپگهات جو ڊرامو ڪيو ويو، پوليس ڪيس حل ڪرڻ جي دعويٰ ڪري ڇڏي

شروعاتي جاچ بعد اها خبر پئي آهي ته ناري نورين آپگهات نه ڪيو آهي پر سنڌس قتل ٿيو آهي. ڪيس حل ڪرڻ جي ويجهو پهچي ويا آهيون : ايس ايس پي سيوهڻ

شروعاتي جاچ ۾ مقتولا جي امڙ پوليس آڏو بيان ڏنو ته منهنجي نياڻي خودڪشي نٿي ڪري سگهي : بيدار بخت

پوليس جو ناريءَ جي ڀاءُ محسن مهر جيڪو سي ٽي ڊي ۾ اي ايس آءِ آهي ان ڏي شڪ وڌيو

سيوهڻ(رپورٽر) ڀان سيدآباد پرسان نوجوان ٽيچر ناري نورين فاطمه مهر جي مبينا قتل واري ڪيس ۾ اهم اڳيرائي ٿي آهي. ايس ايس پي جامشورو عمران قريشي پاران واقعي جي جاچ لاءِ مقرر ڪيل ايس ايس پي سيوهڻ بيدار بخت پريس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16


سيوهڻ: قتل ٿي ويل ناري نورين فاطمه. ٻئي پاسي ايس ايس پي بيدار بخت ميڊيا سان ڳالهائيندي

انٽر بئنڪ ۾ ڊالر مهانگو، اوپن مارڪيٽ ۾ سستو ٿي ويو

ڪراچي (م ڊ) انٽر بئنڪ ۽ اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر جي قدر ۾ اڄ مليل جليل رجحان رهيو انٽر بئنڪ ۾ ڊالر جو قدر 22 پئسا وڌيو آهي، اسٽيٽ بئنڪ موجب انٽر بئنڪ ۾ ڪاروبار جي پڄاڻي تي آمريڪي ڊالر جو اگهه 285 رپيا 62 پئسا آهي، انٽر بئنڪ ۾ گذريل ڏينهن ڊالر 285 رپين 40 پئسن تي بند ٿيو هو هوڏانهن اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر 70 پئسا گهٽجي 299 رپين جو آهي.

پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو سينٽرل ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جو اجلاس اڄ طلب ڪري ورتو

سينٽرل ڪميٽي جي اجلاس ۾ ملڪي سياسي صورتحال ۽ مستقبل جي لائحه عمل تي ڳالهيون ڪيون وينديون

سينٽرل ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي اجلاس ۾ قومي سلامتي ڪميٽي جي اجلاس بابت ڳالهيون پڻ ڪيون وينديون

ڪراچي(م ڊ) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سينٽرل ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جو اجلاس جمعي تي طلب ڪري ورتو. سينٽرل ڪميٽي جي اجلاس ۾ ملڪي سياسي صورتحال ۽ مستقبل جي لائحه عمل تي ڳالهيون ڪيون وينديون، سينٽرل ايگزيڪيوٽو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

چونڊون ٿين يا نه ٿين پي ٽي آءِ کي پنهنجي مستقبل جي جلد خبر پئجي ويندي :چوڌري شجاعت

9 مئي تي هنن ماڻهن جيڪو ڪجهه ڪيو اهو 75 سالن جي تاريخ ۾ نه ٿيو آهي

جيڪو ڪم پارٽ ۽ دهشتگرد به نه ڪري سگهيا اهو ڪجهه شرپسندن ڪري ڏيکاريو

جيڪو به پاڪستان جي خلاف ڳالهائيندو ان کي سزا ملندي. پچ ڊاهه ڪندڙن تي پابندي لڳڻ گهرجي

لاهور (م ڊ) مسلم ليگ(ق) لاهور ۾ پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريلي ڪڍي جنهن جي قيادت پارٽي جي چيف آرگنائيزر چوڌري شجاعت حسين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

جسٽس فائز عيسيٰ مسلسل 6 هفتن کان سپريم ڪورٽ جي ڪنهن به بئنچ جو حصو نه بڻجي سگهيو

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ جو سينيئر ترين جج جسٽس قاضي فائز عيسيٰ مسلسل 6 هفتن کان ڪنهن به بئنچ جو حصو ناهي ۽ ايندڙ هفتي به چيمبر ورڪ ڪندو، سپريم ڪورٽ 22 مئي کان شروع ٿيندڙ عدالتي هفتي لاءِ ججز روسٽر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

پشاور رنگ روڊ تي ڌاڙيلن، هڪ ڄڻو فوت

ڌاڙيل موٽر سائيڪل ۾ ٿيو، ڌاڙي جي نوعيت جو پتو لڳايو پيو وڃي : پوليس

شروعاتي اطلاعن موجب ڌاڙيل موٽر سائيڪل جي مرمت دوران ٿيو

پشاور (م ڊ) پشاور جي علائقي رنگ روڊ تي هوٽل پرسان ڌاڙيل جي نتيجي ۾ هڪ ڄڻو فوت ۽ 3 زخمي ٿي پيا آهن پوليس موجب ڌاڙيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

دڙو ۽ پرپاسي جي مختلف علائقن ۾ ڊينگي مليريا تي ڪنٽرول نہ ٿيو، اسپتالون مريضن سان ستجي ويون

ضابطو نہ اچڻ سبب دڙو سميت پرپاسي جي مختلف علائقن ۾ روزانو مليريا جا سوين مريض رپورٽ ٿين لڳا

ڪافي وقت کان وٺي مڇرن کان بچاءُ لاءِ اسپري نہ ٿيڻ سبب ڊينگي مليريا تباهي مچائي ڇڏي آهي :ساڄاهہ وند

پرپاسي جي مختلف ڳوٺن ۾ مليريا تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ صحت کاتي جون خاص موبائيل ٽيمون موڪليون وڃن

دڙو (شوڪت ميمڻ) دڙو ۽ پرپاسي جي مختلف علائقن ۾ ڊينگي مليريا تي ڪنٽرول نہ ٿيو، سوين ٻار، عورتون، جوان ۽ پوڙها مليريا ۾ مبتلا ٿي ويا، مختلف اسپتالون مريضن سان ستجي ويون. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

دادو ۾ سيتاسرجڻهارفورم پاران روهڙي لاڙڪاڻو دادو ريلوي ٽريڪ جي بحالي لاءِ احتجاجي مظاهرو

دادو(عزيزالله خاصخيلي)سيتاسرجڻهارفورم پاران روهڙي لاڙڪاڻو دادو ريلوي ٽريڪ تي مسافر ريل گاڏين جي بحالي لاءِ مشهور ميمڻ جي اڳواڻي ۾ سيتارود ريلوي ڦاٽڪ تي116هين ڏينهن بہ احتجاج ڪيو ويو



دڙو: مليريا ۽ گيسٽرو ۾ مبتلا ڳوٺاڻا اسپتال ٻاهران ويٺل آهن

دادو جي مددگار پوليس پيتا خوري ڪندي پڪڙجي پئي، پڪوڙا وڪرو ڪندڙن کان رشوت طلب

پوليس اهلڪارن پڪوڙا وڪرو ڪندڙ کي بہ نہ بخشيو، اهلڪارن پڪوڙا وٺڻ بعد پئسا ڏيڻ کان انڪار

ايس ايس پي نوٽيس وٺندي صوبيدار چانڊيو ۽ پوليس اهلڪار زاهد حسين هنگورو کي معطل ڪري ڇڏيو

دادو(ن سنڌيار) دادو جي 15 مددگار پوليس پيتا خوري ڪندي پڪڙجي پئي پوليس اهلڪارن پڪوڙا وڪرو ڪندڙ کي بہ نہ بخشيو پڪوڙو وڪرو ڪندڙ پورهيت کان پڪوڙا وٺڻ بعد پئسا ڏيڻ کان انڪار روز پڪوڙا 50 جا وٺي ويندا آهن پئسا ڪون ڏيندا آهن چيڪنگ بهاني پوليس جا اهلڪار موٽرسائيڪلون روڪي رشوت طلب ڪن ٿا پورهيت پاران آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

سجاول ۾ ٻن ڌرين جو زمين مالڪي تان فائرنگ، ڇهين ڪلاس جو شاگرد زخمي

محمد خان سمون جا رهواسي غلام حيدرسمون، نظرمحمد سمون پاران احتجاجي مظاهرو

تڪرار هلندڙ آهي ڏهن ڏينهن کان وٺي 24 ڪلاڪ فائرنگ جو سلسلو جاري آهي :مظاهرين

ڳوٺ ۾ امن امان قائم ڪيو وڃي تہ جيئن اسان ڳوٺاڻا سک جو ساهہ کڻي سگهون: ڳالهيون

سجاول (رپورٽ ممتازعلي نهڙيو) سجاول ۾ ٻن ڌرين جو زمين مالڪي تان جهيڙي دوران گولي لڳڻ سبب ڇهين ڪلاس جو شاگرد زخمي، وارثن جو احتجاج، سجاول ويجهو بدين روڊ لڳ ڳوٺ محمد خان سمون جا رهواسي غلام حيدرسمون، نظرمحمد سمون، حاجي عبدالحق سمون، سماجي اڳواڻ محمدصديق سمون، ممتازلغاري، غلام قادر سمون ۽ ٻيا سورج سجاولي پريس ڪلب پهچي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

آل پاڪستان انجمن تاجران سکر پاران فوج سان يڪجهتي جي اظهار لاءِ ريلي

سکر(امداد علي گل ڪلوڙ) آل پاڪستان انجمن تاجران سکر پاران پاڪ فوج سان يڪجهتي جي اظهار لاءِ ريلي ڪڍي وئي، پاڪ فوج ۽ ٻين سيڪيورٽي ادارن جي حق ۾ نعرا هنيا ويا، پاڪ فوج خلاف ڪنهن بہ سازش کي ڪامياب ٿيڻ نہ ڏينداسين، اڳواڻن خيالن جو اظهار تفصيل موجب ملڪ جي ٻين شهرن وانگر سکر ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04



سجاول: ڳوٺ محمد خان سمون واسي احتجاج ڪري رهيا آهن

محرابپور ۾ گهريلو اٽڪٽ سبب سنڌس مڙس هٿان 5 ٻارن جي ماءُ قتل

35 ورهين جي ناري، پنجن ٻارڙن جي ماءُ مسمات نسيم نوناري کي مڙس قتل ڪيو

ذوالفقار گهر اندر پنهنجي گهرواري نسيم نوناري کي ڪنهين جا وار ڪري قتل ڪري ڇڏيو

پوليس پاران مقتولا جو پوسٽ مارٽم ٿيڻ بعد سنڌس لاش کي خيرپور ۾ اباڻي گهر پهچايو ويو

محرابپور (مجاهد علي ساميٽيو) محرابپور ۾ نوناري پاڙي واسڻ 35 ورهين جي پرڻيل ناري، پنج ٻارڙن جي ماءُ مسمات نسيم عرف منڊم نوناري کي سندس مڙس ذوالفقار عرف وڪيل نوناري گهر اندر مبينا طور ڪنهين جا وار ڪري قتل ڪري ڇڏيو اطلاع ملڻ تي پوليس پهچي لاش ڪٿائي ضروري ڪارروائي لاءِ رورل هيلٿ سينٽر محرابپور منتقل ڪيو، جتي ليڊي ڊاڪٽرياڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

روهڙي جي يوسي اڪبرپور ۾ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن پاران تعمير ڪرايل گهر متاثرن حوالي

انڊس ڪميونٽي امپاورمنٽ جي سهڪار سان عوام جي لاءِ 60 گهرن جي تعمير مڪمل ٿيڻ تي تقريب

تعمير بعد اڳوٽي صوبائي وزير ٽرانسپورٽ سنڌ سيد اويس قادر شاهہ ضرورت مندن کي گهرن جون چاٻيون ڏنيون

بحالي جي لاءِ سماجي تنظيمن سان گڏجي تباهہ حال گهرن جي بحالي وارو ڪم تيزي سان جاري آهي: اويس قادر شاهہ

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) روهڙي تعلقي جي يونين ڪائونسل اڪبر پور ۾ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن ۽ انڊس ڪميونٽي امپاورمنٽ جي سهڪار سان عوام جي لاءِ 60 گهرن جي تعمير آر او پلانٽ ۽ تعليم جي لاءِ اسڪولن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

سکر ۾ لالا عابد ڪوڪر سپريم ڪائونسل آف آل سکر سمال ٽريڊرز جو ميمبر چونڊجي ويو

سکر(رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) شاپ غريب آباد يونين سکر جي صدر لالا عابد ڪوڪر کي سپريم ڪائونسل آف آل سکر سمال ٽريڊرز جو ميمبر چونڊيو ويو، تقريب شاپ غريب آباد يونين جي جنرل سيڪريٽري ظفر صديقي جي دوڪان ۾ ٿي، تقريب ۾ عهديدران شرڪت ڪئي، ان موقعي تي حاجي محمد رياض ڪوڪر، عارف/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07


سکر: پ پ اڳواڻ اويس قادر شاهہ ڳوٺاڻن کي گهرن جون چاٻيون ڏئي رهيو آهي

نوشهروفيروز محمدي ميڊيڪل ڪامپليڪس کي 9 سال مڪمل ٿيڻ تي ميڊيڪل ڪئمپ

ڊاڪٽر نسيم علي نواز ڊاڪٽر محمد عظيم آخوند ڊاڪٽر آصف نبي سڏارو ۽ ٻيا ڊاڪٽر شريڪ ٿيا

ڪي ايم پٽي ڊاڪٽر شيراز علي ميمڻ ڊاڪٽر زيد بلوچ ڊاڪٽر محمد اسلم قريشي دوائون فراهم ڪيون ويون

محمدي ميڊيڪل ڪامپليڪس مورو شهر اندر هڪ بهترين علاج جو سينٽر قايم ڪيو ويو آهي :شهري اڳواڻ

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) محمدي ميڊيڪل ڪامپليڪس کي 9 سال مڪمل ٿيڻ تي مورو محمدي ميڊيڪل سينٽر طرفان هڪ روزا مفت ميڊيڪل ڪيمپ لڳايي وئي جنهن ۾ ڊاڪٽر نسيم علي نواز ڊاڪٽر محمد عظيم آخوند ڊاڪٽر آصف نبي سڏارو ڊاڪٽر محمد ضرار راٺوڙ ڊاڪٽر قاسم ڪي ايم پٽي ڊاڪٽر شيراز علي ميمڻ ڊاڪٽر زيد بلوچ ڊاڪٽر محمد اسلم/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

اسلام ڪوٽ ٽائون جي وائيس چيئرمني تان ڏٽيڙ پارٽي طرفان نامزد نالي تي اعتراض

ميگهواڙ ۽ بجير برادري جي ماڻهن ڪرپالداس ميگهواڙ، مڪيش ميگهواڙ پاران احتجاج

محمد بجير، حنيف، شوڪت بجير ۽ ٻين پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي

انيل عرف لالاجپت ميگهواڙ وائيس چيئرمني طور قبول ناهي، معاملي تي نظرثاني ڪئي وڃي: ڪارڪن

اسلام ڪوٽ(رپورٽ صادق بجير) اسلام ڪوٽ ٽائون جي وائيس چيئرمني تان ڏٽيڙ پارٽي طرفان نامزد نالي تي اعتراض، شهرين جو احتجاجي مظاهرو تفصيل موجب:اسلام ڪوٽ ٽائون ڪاميٽي جي وائيس چيئرمني من پسند ۽ مخصوص سيٽ تي آئي نامزد ڪرڻ خلاف ميگهواڙ ۽ بجير برادري جي ماڻهن ڪرپالداس ميگهواڙ، مڪيش ميگهواڙ، مجنون ميگهواڙ، پرتاب/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

دڙو ۾ 2 سؤ کان وڌيڪ غير مسلم اسلام جي دائري ۾ داخل، پروقار ديني تقريب

دڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) دڙو ۾ 2 سؤ کان وڌيڪ غير مسلم ان الحق جو ڪلمو پڙهي اسلام جي دائري ۾ داخل، مسلمان ٿيلن ۾ عورتون، ٻار، نوجوان ۽ پوڙها شامل، ڪلمو پڙهڻ بعد سندن چهرا خوشي وچان ٽهڪي پيا، دڙو ۾ جماعت اهلسنت طرفان هڪ پروقار ديني تقريب ٿي گذري، جنهن ۾ سنڌ جي مذهبي ۽ روحاني شخصيت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10


اسلام ڪوٽ: ميگهواڙ ۽ بجير برادري پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

گلشن معمار ٿاڻي جي حد يونين ڪائونسل عبدالله گبول ۾ ڊاڪٽر عابد مظهر جي گهر تي حملو

رهائش پذير نالي واري اديب ڊاڪٽر عابد مظهر جي گهر تي حملو، جوابدار موتمار ڌمڪيون ڏيندا فرار ٿي ويا

ديوار ٽوڙي ڳوٺ جو لنگهہ ناهڻ واري عمل کان روڪڻ تي ٻرڙا ذات سان تعلق رکندڙ ڪجهہ ماڻهن پاران حملو

غيرقانوني لنگهہ نہ ناهيو ڇاڪاڻ تہ ديوار ٽوڙي رستو ناهڻ ٻين علائقن جا ڌوهاري ماڻهو گذر ڪن ٿا: عابد مظهر

ڪراچي (رپورٽر) گلشن معمار ٿاڻي جي حد يونين ڪائونسل عبدالله گبول جي فيضان ستي ۾ رهائش پذير نالي واري اديب ڊاڪٽر عابد مظهر جي گهر تي حملو جوابدار موتمار ڌمڪيون ڏيندا فرار ٿي ويا، عابد مظهر پاران جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي جو مطالبو خبر موجب گلشن معمار ٿاڻي جي حد فيضان ستي ۾ ڪجهہ شرپسند پاران ڊاڪٽر عابد مظهر جي گهر پرسان وقار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

منياڻي پرسان نئن ڳوٺ ڳوراهو جي سولنگي محلا ۾ عورت جو ڦاهو کاڌل لاش هٿ

آئون مزدوري ڪندو آهيان اسان کي ٻن ٻارن جو اولاد آهي: مڙس سراج سولنگي

ڳوٺ اندر ناري کي قتل ڪرڻ جا چوٻول پڻ هلندڙ، ٻارڙا لاش ڏسي دانهون ڪندا رهيا

نوشهروفيروز(منظور ملڪ) منياڻي پرسان نئن ڳوراهو جي سولنگي محلا ۾ ماهہ نساءَ زال سراج سولنگي جو گهر اندر ڦاهو کاڌل لاش هٿ آيو رابطو ڪرڻ تي مقتول عورت جي مڙس سراج سولنگي ٻڌايو تہ آئون مزدوري ڪندو آهيان اسان کي ٻن ٻارن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

نوان جتوئي پرسان ڳوٺ منگهو خان ڏهر ۾ سگاوتي تڪرار تان نوجوان قتل

نوجوان مظهر علي ولد غلام سرور ڏهر قتل سنڌس لاش زرعي زمين تي پيل

پاءَ جي قتل ۾ ملوث جوابدار کي گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي :ياءُ

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) مورولڳ حد نوان جتوئي پرسان ڳوٺ منگهو خان ڏهر ۾ سنگاوتي تڪرار سبب نوجوان مظهر علي ولد غلام سرور ڏهر قتل سنڌس لاش زرعي زمين تي پيل جنهن کي حد نوان جتوئي پوليس ڪٺائي مورو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14


نوشهروفيروز: ڳوٺ منگهو خان ڏهر ۾ قتل ٿيل ويل جو مڙهہ اسپتال ۾ پيل آهي

ميرپورساڪرو ٽائون ڪميٽي جي اليڪشن ۾ چونڊيل آزاد اميدوار ڏيهہ ڇڏي ويو

پيپلزپارٽي ۾ شامل ٿيندڙ ڪائونسلر عزيز ڪنهي ناراضگي بعد پرڏيهہ هليو ويو آهي

چيئرمين ۽ وائيس چيئرمين جي چونڊ رولڙي جو شڪار ٿي وئي ،سياسي وايومنڊل تبديل

ٺٽو (رپورٽ:جاويد لطيف ميمڻ) گڏريل بلدياتي اليڪشن ۾ ٺٽي جي واحد ٽائون ڪميٽي ميرپورساڪرو جي اليڪشن ۾ اپ سيٽ ٿيڻ ڪانپو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ڪراچي ۾ 5 مهنن کان مٿي هلندڙ سوئي سدرن پاران گيس جي لوڊشيڊنگ

ڪيترن ئي علائقن ۾ عملدار گهريلو صارفين کي گيس جي فراهمي ڪري نہ سگهيا

پنج مهينن کان هلندڙ گيس جي لوڊشيڊنگ کي سوئي سدرن گيس انتظاميا ختم نہ ڪري سگهي

ڪراچي (باغي ساگر پنهوار) ڪراچي شهر ۾ پنج مهنن کان مٿي هلندڙ سوئي سدرن پاران گيس جي لوڊشيڊنگ کي ختم ڪري نہ سگهي عوام وڏيڪ ڀٽي غذاب ۾ مبتلا شهر جي ڪيترن ئي علائقن ۾ سوئي سدرن پاران گهريلو صارفين/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

سکر جي مائڪرو ڪالوني ۾ نئين پرڻيل ڪنوار مٿان مڙس ۽ ساهرن جو تشدد، احتجاج

ڪنوار رفيعہ چانڊيو جي والد ۽ والده جو معصوم ٻارڙن سميت ڪلار پاڪ ڪٽي احتجاج ڪيو

2 هفتا اڳ پنهنجي نياڻي رفيعہ چانڊيو جي شادي گلشن ڏاريجو سان ڪرائي هئي: منذار چانڊيو

سکر (امداد علي گل ڪلوڙ) سکر جي مائڪرو ڪالوني ۾ نئين پرڻيل ڪنوار مٿان مڙس ۽ ساهورين جو مبينا تشدد، نياڻي تشدد سبب ذهني/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21


سکر: مائيڪرو واسي احتجاج ڪري رهيا آهن

خانپورمهر لڳ هٿيار بند هٿان مبينا طور نوجوان قتل، لاش فصل مان مليو

چگي مڙس گامڻ خان گبول جي سئوٽ مولابخش گبول کي هٿياربندن قتل ڪيو

معاملي بعد فرانزڪ ٽيم گهرائي وئي، ٽيم لاش تان فنگر پرنٽس وٺي رواني ٿي وئي

خانپورمهر (آفتاب سيال) خانپورمهر لڳ نامعلوم هٿياربند هٿان مبينا طور نوجوان قتل سندس لاش فصل مان مليس پوليس پاران جوابدارن جو پتو لڳائڻ لاءِ فرانزڪ ٽيم گهرائي وئي، ٽيم لاش تان فنگر پرنٽس وٺي رواني ٿي وئي، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ٺٽو مسلسل بدامني جي ور چڙهيل، منشيات فروشي، چورين ۽ غندن پاران حملا معمول

ڌاڙيلن پاران ٺٽي ۾ پوليس جي رٽ کي ڌوهارين پاران مسلسل چيلنج ڪيو پيو وڃي

جميل عباسي اوطاق جي ڪمري ۾ دروازو بند ڪري لڪي جان بچائڻ جي ڪوشش ڪئي

ٺٽو (رپورٽ:جاويد لطيف ميمڻ) ٺٽو شهر مسلسل بدامني جي ور چڙهيل منشيات فروشي، چورين ۽ غندن پاران شهرين تي حملا روز جو معمول بڻيل ٺٽي ۾ پوليس جي رٽ کي ڌوهارين پاران مسلسل چيلنج ڪيو پيو وڃي ياد رهي تہ گذريل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25


ٺٽو: منشيات فروشن هٿان زخمي شهري ويٺل آهي

دڙي ۾ ٻن ڌرين ۾ معمولي ڳالهہ تان جهيڙو، 2 ڄڻا زخمي، اسپتال منتقل

نوجوانن ۽ شيخائي ميمڻ برادري جي نوجوانن وچ ۾ معمولي ڳالهہ تان جهيڙو ٿي پيو

هيڊ ماستر سائين شمس الدين شيخائي ميمڻ جو پٽ ٻهاول ۽ رمضان شيخائي زخمي

دڙو (ن سنڌ يار) دڙي ۾ ٻن ڌرين ۾ معمولي ڳالهہ تان جهيڙو، 2 ڄڻا زخمي، اسپتال منتقل تفصيل موجب دڙي ۾ ارباب هائوس پرسان ڳوٺ رمضان ميمڻ جي رهواسي ميمڻ برادري جي نوجوانن ۽ شيخائي ميمڻ برادري جي نوجوانن وچ ۾/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

منياڻي شهر جي پٽي محلا جي رهواسڻ عورت جو ساهرن خلاف احتجاجي مظاهرو

پٽي محلا جي رهواسڻ عورت شبانان امڙ سان گڏ ساهرن جي زيادتين خلاف احتجاج ڪيو

منهنجي مڙس معشوق ۽ ٻين مون تي تشدد ڪري ناحق گهر اندر بند ڪري ڇڏيو هو: شبانا

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) منياڻي شهر جي پٽي محلا جي رهواسڻ عورت شبانا جو امڙ سان گڏ ساهرن جي زيادتين خلاف احتجاج ساهرن تشدد جو نشانو بڻائي گهر اندر بند ڪري ڇڏيو هو انصاف ڏياريو وڃي خبرموجب منياڻي شهر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

دادو جي تاريخ ۾ پهرين پيرو دادو جي اي سيڪشن ٿاڻي تي عورت عملدار مقرر

بينظير جمالي اسيشن هائوس مقرر بينظير جمالي وومين پروٽيڪشن سيل جي انچارج پڻ آهي

انسپيڪٽر علي اڪبر چنہ کي هٽائي بينظير جمالي کي ايس ايڇ او مقرر ڪيو آهي :ذريعن جي دعوي

دادو(عزيزالله خاصخيلي) دادو جي تاريخ ۾ پهرين پيرو دادو جي اي سيڪشن ٿاڻي تي وومين پوليس انسپيڪٽر بينظير جمالي اسيشن هائوس مقرر انسپيڪٽر بينظير جمالي وومين پروٽيڪشن سيل جي انچارج پڻ مقرر دادو جي ايس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33



دادو: دادو جي تاريخ ۾ پهرين عورت ايس ايڇ او طور مقرر ٿيل بينظير جمالي جو فائيل فوٽو

خيرپور شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي ۾ ڊيولپمينٽ سيڪٽر آرگنائيزيشن هوپ فار آل پاران ورڪشاپ

ينگ پيس ڊولپمينٽ ڪور جي سهڪار سان ذهني صحت ۽ دٻاءُ بابت هڪ ڏينهن جو تربيتي ورڪشاپ منعقد

ذهني دٻاءُ کي گهٽائڻ لاءِ اسان کي اسلامي حڪمن موجب سادي زندگي گذارڻ گهرجي: ڊاڪٽر تاج محمد لاشاري

ذهني صحت بابت آگاهي ڏيڻ لاءِ ڪاليج ۽ يونيورسٽي سطح تي ذهني صحت ۽ ذهني دٻاءُ جو مضمون متعارف ڪرايو وڃي

سکر(امداد علي گل ڪلوڙ) شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ ڊيولپمينٽ سيڪٽر آرگنائيزيشن هوپ فار آل پاران ۽ ينگ پيس ڊولپمينٽ ڪور جي سهڪار سان ذهني صحت ۽ دٻاءُ بابت هڪ ڏينهن جو تربيتي ورڪشاپ منعقد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

سکر ۾ سوئي سدرن گيس جي سکر ۾ اڻ اعلانيل لوڊ شيڊنگ، شهري پريشان

سکر(رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) سوئي سدرن گيس جي سکر ۾ اڻ اعلانيل لوڊ شيڊنگ سبب شهري سخت پريشان رڌ پچاءَ گيس تي ڪرڻ بدران ڪاٺين تي ڪرڻ لڳا انتظاميا خاموش تماشائي بڻيل، تفصيل موجب - سوئي سدرن گيس ڪمپني سکر جي مختلف علائقن نيو پنڊ ، مائڪروگڏائي چوڪ پراڻو سکر نشون ڳوٺ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15


خيرپور: شاهہ لطيف يونيورسٽي ۾ استادن ۽ شاگردن جو گروپ فوٽو

ڪشمور ۾ پيپلزپارٽي جي سينيئر سياستدان سليم جان مزاري جي رهائش گاهہ کان ريلي

عبدالرئوف ڪوسو علي جان مزاري جي اڳواڻي ۾ پاڪ فوج جي حمايت ۾ مزاري هائوس کان ريلي نڪتي

پاڪ فوج خلاف ٿيندڙ سازش ناڪام بڻائي ويندي پاڪ فوج سان ڪلهو ڪلهي سان ملائي بيٺل آهيون: اڳواڻ

ڪشمور(رپورٽ:اصغر علي چانڊيو)ڪشمور ۾ پيپلزپارٽي جي سينيئر سياستدان اڳوڻي ضلعي ناظم سردار سليم جان مزاري جي رهائش گاهہ کان پ پ اير اي حاجي عبدالرئوف ڪوسو علي جان مزاري جي اڳواڻي ۾ پاڪ فوج جي حمايت ۾ مزاري هائوس ڪشمور کان هزارين ماڻهن جي تعداد ۾ ڪشمور کان گڏو تائين ريلي ڪڍي وئي آهي ريلي ۾ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ڦل ريگيوليٽر تي ڊيوٽي ڪندڙ ايريگيشن جي ملازم کي بااثر زميندار پاران تشدد خلاف احتجاج

ڪيس داخل نہ ڪرڻ خلاف ايريگيشن ايمپلائيز يونين روهڙي ڊويزن ايٽ مورو جي ملازمن مظاهرو ڪيو

محمد خان مشوري محمد يعقوب وگڻ محمد بخش ڪورائي محمد حسن زرداري پاران مظاهرو ڪيو ويو

هٿيار بندن ملازم کي بدترين تشدد جو نشانو بڻائي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، نوٽيس ورتو وڃي: مظاهرين

نوشهروفيروز(ڊ ر) ڦل ريگيوليٽر تي ڊيوٽي ڪندڙ ايريگيشن جي ملازم کي بااثر زميندار پاران تشدد جو نشانو بڻائي زبردستي اغوا ڪرڻ ۽ نوشهروفيروز پوليس پاران اهڙو ڪيس داخل نہ ڪرڻ خلاف ايريگيشن ايمپلائيز يونين روهڙي ڊويزن ايٽ مورو جي ملازمن طرفان ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهري جي اڳواڻي محمد خان مشوري محمد يعقوب وگڻ محمد بخش /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ملير ۾ پوليس ۽ منرل مائنز ڊپارٽمينٽ هاءِ ڪورٽ جو حڪم مڃڻ کان انڪار

ڪراچي (رپورٽر) ملير ۾ پوليس ۽ منرل مائنز ڊپارٽمينٽ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي حڪم کي مڃڻ کان انڪار ريتي بجري چوري جو سلسلو ٻيهر شروع ٿي ويو پاڻي جي سطح هيٺ ٿي وئي زميندارن آبادگارن پاران ملير جي ندين مان ريتي بجري چوري جي چوري کي ملير جي تباهي جو ذميوار قرار ڏئي ڇڏيو پوليس ۽ منرل مائنز ڊپارٽمينٽ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20


نوشهروفيروز: ايريگيشن ملازم بااثرن خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪنڊيارو پرسان ڳوٺ حامد ڏهراج ۾ زمين جي معاملي تان پيرزاده ۽ ڏهراج برادرين ۾ جهيڙو

زمين جي معاملي تان ڏهراج ۽ پيرزادا برادري ۾ جهيڙو ٻنهي ڌرين جا 10 ڄڻا زخمي ٿي پيا

غلام عباس. سڪندر. محمد علي. موسن ، اياز علي. فراز. محبوب. شاهد. عرفان. زاهد زخمي ٿيا

ڌرين ۾ زمين جي معاملي تان پراڻو تڪرار هلندڙ آهي وڌيڪ جاچ جاري آهي: پوليس جون ڳالهيون

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) ڪنڊيارو پرسان ڳوٺ حامد ڏهراج ۾ زمين جي معاملي تان ڏهراج ۽ پيرزادا برادري ۾ جهيڙو ٻنهي ڌرين جا 10 ڄڻا زخمي ٿي پيا زخمين ۾ غلام عباس .سڪندر. محمد علي. موسن , اياز علي . فراز. محبوب. شاهد .عرفان. زاهد ۽ ٻيا شامل آهن جنان 5 ڄڻن جي حالت نازڪ هجڻ سبب ڪين نواب شاهہ ريفر ڪيو ويو آهي ان سلسلي ۾ زخمين/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ڪراچي ۾ ٽاسڪ فورس جي سفارش تي ايس ايڇ او سچل سميت 4 اهلڪار معطل

منشيات فروشن سان ملوث هجڻ جي الزام ۾ ايس ايڇ او سچل راجا تنوير معطل ڪيو ويو

منشيات جي سرعام وڪري خلاف سياسي سماجي تنظيمن طرفان احتجاج پڻ ڪيا ويا هئا

پگهارون ۽ ٻيا الائونس انڪواري مڪمل ٿيڻ بعد بند ڪرڻ جو پڻ حڪم جاري ڪري ڇڏيو آهي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) آءِ جي سنڌ پاران جوڙيل ٽاسڪ فورس جي سفارش تي آءِ جي سنڌ ايس ايڇ او سچل راجا تنوير سميت ٽن اهلڪارن کي معطل ڪري پوليس هيڊ ڪوارٽر رپورٽ ڪرڻ جو حڪم ۽ ڏينهن اڳ ٽاسڪ فورس جي اهلڪارن سچل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

پاڪستان زنده باد بيسڪ آرگنائيزيشن جي باني جي سالگرهہ ملهائي وئي

ڪراچي (رپورٽر) نالي وارو اديب ڊپٽي ڊائريڪٽر اينٽي ڪرپشن ۽ پاڪستان زنده باد بيسڪ آرگنائيزيشن جي باني نادر علي ابڙو جي سالگرهہ جي تقريب ڪراچي ۾ چئيرمين ظهير احمد ميمڻ جي رهائشگاهہ تي منعقد ڪئي وئي تقريب ۾ سنڌ جي نالي واري فنڪار طفيل احمد سنجيراڻي کان علاوه پاڪستان پرائيويٽ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26


ڪراچي: معطل ٿيل ايس ايڇ اوز جون تصويرون

ٺٽي جي ساحلي پٽي ۾ ماڻهن پاران خودڪشيون ڪرڻ وارو عمل رڪجي ناهي سگهيو

عورت ۽ هڪ مرد زهر پي خودڪشي ڪرڻ دوران اسپتال داخل، انتظاميا ڪو بہ تحرڪ ناهي ورتو

ميڊيڪل اسٽور تي ڪم ڪندڙ نوجوان سڪندر جت پاڻ تي پسٽل جا فائر ڪري خودڪشي ڪري ڇڏي

مسمات ماروي ڏيءُ جعفر جوکيو ۽ ڳوٺ خليفہ جي رهواسي حيدر علي پٽ علي اڪبر پاران آپگهات ڪوشش

ٺٽو (رپورٽ:جاويد لطيف ميمڻ) ضلعي ٺٽي جي ساحلي پٽي ۾ رهندڙ عوام پاران خودڪشين جو سلسلو رڪجي نہ سگهيو اداسي شهر جي هڪ ميڊيڪل اسٽور تي ويٺل نوجوان سڪندر جت پاڻ مٿان پسٽل جو فائر ڪري خودڪشي ڪري ڇڏي جنهن کي ڳنڀير حالت ۾ اسپتال منتقل ڪيو پي ويو رستي ۾ دم ڏٽي حوالي ڪيو ٺٽي جي ساحلي پٽي ۾ خودڪشين جو رجحان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

بيگم نصرت ڀٽو انٽرنيشنل ايئرپورٽ تان 914 حاجي پلي پاروينڊا: غلام مصطفي ڦل

ڪمشنر ڊويزن جي صدارت هيٺ حاجين کي سهولتن جي فراهمي ۽ تيارين بابت اجلاس ٿيو

لاڳاپيل سرڪاري آفيسرن جو فرض آهي تہ حاجين کي هر ممڪن سهولتون فراهم ڪرڻ ۾ اڳڀرا ٿين

حج ڊائريڪٽوريٽ جي ضابط اخلاق مطابق اڳوات رٿا بندي ڪندي ڪم وقت سر مڪمل ڪيو وڃي

سکر(امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ڊويزن مان ايندڙ مهيني 914 حاجي پلي پاروينڊا. ڪمشنر سکر ڊويزن جي صدارت هيٺ حاجين کي سهولتن جي فراهمي ۽ تيارين بابت اجلاس پوليس، صحت، ايف آءِ اي، ايئرپورٽ سيڪيورٽي، پي آءِ اي اڳوات رٿابندي تحت ڪم مڪمل ڪن. غلام مصطفي ڦل تفصيل موجب: بيگم نصرت ڀٽو ايئرپورٽ کان سکر ڊويزن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ايمپلائيز ايسوسي ايشن جي مرڪزي صدر سردار شاهہ ۽ ٻين پاران علمدار حسين شاهہ جي وارثن سان تعزيت

سجاول (ڊ ر) مرڪزي پريس ترجمان مرڪزي انفارميشن سيڪريٽري آل ريونيو سنڌ ايمپلائيز ايسوسي ايشن سرفرازعلي پٽي موجب ريونيو سنڌ ايمپلائيز ايسوسي ايشن جو مرڪزي صدر سيد سردار علي شاهہ لڏي شهيد تپيدار سيد علمدار حسين شاهہ جي لحواحقين وارثن سان تعزيت ڪندو، مرڪزي صدر سان گڏ مرڪزي باڊي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30


سکر: ڪمشنر سکر ڊويزن اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

سرجاڻي ٿاڻي جي حد نادرن بائي پاس تي ڦورو ٽولن جا ڄارا، پوليس خاموش تماشائي بڻيل

بائي پاس تي ٻن موٽر سائيڪل سوار ڦورو 2 لک 80 هزار ڏينهن ڏٺي جو ڦر ڪري فرار ٿي ويا

درخواست ڏيڻ باوجود 10 ڏينهن گذري وڃڻ باوجود سرجاني پوليس ڪک پچي پيٽو نہ ڪيو

مون کان ڦر ڪندڙ ڦورو ٽولي کي گرفتار ڪري منهنجا ڦريل ٿيل رقم مون کي واپس ملي :پورهيت

ڪراچي (رپورٽر) سرجاڻي ٿاڻي جي حد نادرن بائي پاس تي ڦورو ٽولن جا ڄارا ٿيوارا، پوليس خاموش تماشائي بڻيل، پيپلزپارٽي جي جنرل ڪونسلر بادل خان جتوئي کان اٽڪ پمپ نادرن بائي پاس تي ٻن موٽر سائيڪل سوار ڌڪيتن 2 لک 80 هزار ڏينهن ڏٺي جو ڦر ڪري فرار ٿي ويا. سرجاڻي ٿاڻي تي درخواست ڏيڻ باوجود 10 ڏينهن گذري وڃڻ باوجود سرجاني پوليس ڪک پچي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
جمعو 19 مئي 2023 ع

خبر ڪونه ڏئي ته رڃ ڪُجاڙي رَنديا

سنڌ ۾ تمام گهڻا معاملا پراسراريت جي پيچرن تي هلندا رهيا آهن. اها عام مشاهدي جي ڳالهه آهي ته جڏهن به سياسي غير يقينيءَ وارو ماحول هوندو آهي ته سنڌ ۾ پُنگ خاطر اغوا وارن واقعن سميت خطرناڪ ڏوهن ۾ واڌ اچي ويندي آهي. ڏوهن جو گراف اوچتو ئي اوچتو وڌڻ جو ڪهڙو سبب آهي، اهو به گهڻو پراسرار بڻيل آهي. ائين محسوس ٿيندو آهي ته چڻ بدامنيءَ جي ايڪسيليٽر تي ڪن اڻ ڏٺل قوتن جو پير رکيل هجي. جيڪي جڏهن به چاهين، هن ڏيهه ۾ ڏوهن جو ڪانٽو سٺو تي رکيو چڙهين. هيا آهن قتل جا واقعا، جن ۾ ملوث ۽ ايف آءِ آر ۾ نامزد ٿيل جوابدار به گرفتار نٿا ٿين. اهڙوئي هڪ قتل ڊاڪٽر اجمل ساوند جو پڻ آهي. جنهن جي قتل جي ايف آءِ آر ۾ 12 جوابدار نامزد هجڻ باوجود هڪ به گرفتار نه ٿي سگهيو آهي.

انڌو نه انصاف هوندو آهي، پر قانون جو سماعت ۽ بصارت وڃائي ويٺو آهي، جوان ڪي سنڌ ۾ "آدم بُوءِ آدم بُوءِ" ڪري هلندڙ قاتل ٽولا نظر نٿا اچن. جن سنڌ جي ڪينواس کي ڳاڙهو ريٽو ۽ رت هاڻو ڪري ڇڏيو آهي! حد ته اها آهي ته جيڪي جوابدار ايف آءِ آر ۾ نامزد ٿين ٿا، اهي به قانون کي نظر نٿا اچن. شايد انهن کي "سليماني ٽوپيون" پاتل آهن. پوليس انتظاميا جي اهڙي "اهليت" تي ان کي نوبل انعام نه به سهي، ڪواعليٰ ايوارڊ ۽ انعام ته ملڻ گهرجي. پوليس جي اهڙي "بيمثال ڪارڪردگيءَ" جون واڌايون ڪير وصول ڪندو؟ پوليس جي "اهليت" اها آهي جو اُها قبيلائي دهشتگردي نه روڪرائي نٿي سگهي پر قتل جي ايف آءِ آر ۾ نامزد ٿيل ماڻهو به گرفتار نه ڪري سگهي ته اهڙي نا اهل نفريءَ کي عوام جي ٽيڪسن جي ناڻي تي چتي بڻائي پالڻ جو آخر جواز ئي ڪهڙو آهي؟ ڊاڪٽر اجمل ساوند جا قاتل لڪل نه آهن. پر قانون جي پيرن ۾ آخر ڪهڙا ڏانوڻ پيل آهن. جوابدارن تائين رسائيءَ ۾ ڪهڙيون مجبوريون ۽ رڪاوٽون آهن. جو اهي لڳ ڀڳ ڏيڍ مهينو گذرڻ باوجود جوابدارن کي گرفتار ڪري نه سگهيا آهن؟

سنڌ ۾ ڊاڪٽر اجمل ساوند جي قتل جي ايف آءِ آر ۾ نامزد ٿيل جوابدارن جي گرفتاريءَ لاءِ سنڌ ۾ احتجاج ٿي رهيا آهن. پر مجال آهي جو نئُود انتظاميا انهن احتجاجن جو ڪو نوٽيس وٺڻ جي ضرورت محسوس ڪري! احتجاج ڪندڙ اهو الزام هڻندي به ٻڌا وڃن ٿا ته ڊاڪٽر اجمل ساوند جي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي سرڪاري ڌر جي پشت پناهي حاصل آهي. ان ڪري گرفتار نٿا ٿين. ڊاڪٽر اجمل جي قتل کي ڏيڍ مهينو ٿيڻ وارو آهي، ڇا سنڌ جي انتظامي سربراهه پوليس جي نا اهليءَ جو نوٽيس وٺڻ جي ضرورت محسوس ڪئي؟ ادارن جي مجموعي ڪارڪردگيءَ سان ئي گورننس جو پروفائل جڙي ٿو. پوليس جي اداري جي ڪارڪردگيءَ سان گورننس جو ڪهڙو پروفائل جڙي ٿو، اهو سمجهڻ مشڪل نه آهي. سنڌ ۾ قبيلائي دهشتگرديءَ کي هُٿي ۽ هٿيارن جي آڪسيجن مهيا ڪندڙ پوتارو قانون جي گرفت ۾ نٿا آندا وڃن؟ پوتارن جا لانڍيا، ٻانڍيا ۽ بندوق باز قاتل ٽولا سنڌ جي شعور کي چونڊي چونڊي نشانو بڻائي ڪنهن جي ايجنڊا جي تڪميل ڪري رهيا آهن؟ اسان اڳ به هنن ئي ڪالمن ۾ اهو چوندا رهيا آهيون ته سنڌ ۾ جهيڙيندڙ برادرين کي بي هٿيار ڪرڻ لاءِ ترت سخت آپريشن ڪيو وڃي ۽ سنڌ ۾ غير قانوني هٿيارن جي پهچ ۽ رسائي جا گهٽ گهيڙ بند ڪري، انهن جي وڪري اڳيان بند ٻڌو وڃي. آخراهي هٿيار قانوني رڪاوٽن جا سمورا بند عبور ڪري بنا ڪنهن روڪ رنڊڪ جي، سنڌ ۾ ڪيئن ٿا پهچن؟ آخراهي ڪهڙيون قوتون آهن، جيڪي سنڌ کي بدامنيءَ جي باهه ۾ سڙندي ڏسڻ چاهين ٿيون؟ اسان سمجهون ٿا ته، خوني ٽڪرارن ۾ ملوث پوتارن ۽ انهن جي "مجرم سپاهه" کي قانون جي گرفت ۾ آڻڻ ڪانسواءِ سنڌ بدر ٿيل امن جو پکي واپس نه ايندو. سنڌ جي انتظامي سربراهه کي مداخلت ڪري ڊاڪٽر اجمل ساوند جي قتل جي ايف آءِ آر ۾ نامزد ٿيل جوابدارن کي گرفتار ڪرائڻ جي ذميواري پوري ڪرڻ گهرجي!

ڇا معاملا "پوائنٽ آف نو ريٽرن" تائين پهچي ويا آهن؟

تنزيلا فهد اعوان

ملڪ شديد بحرانن ۾ وڪوڙيل آهي. وفاقي حڪومت انتظام تي پڪڙ رکي نه سگهي آهي. عام ماڻهو ان پنجابي چوڻيءَ تي عمل پيرا آهن ته، "ريچ جاٽي تي بجُو جاٽي، تُو پُن داٽي!" (رڇ ۽ بجُو (گورپٽ؟) پاڻ ۾ جاٽن، تون مانڙي ڪري آپون پُڳ!) سو وڳوڙي هن وقت به حڪومت لاءِ مسئلو بڻيل آهن ۽ حڪومت انهن کي وڪڙ ۾ نه آڻي نه سگهي آهي پر انهن جي ليڊرشپ کي ڪاٽ ۾ وجهڻ جي شروعات ڪري رهي آهي. ڪيترائي اڳواڻ گرفتار ڪيا ويا آهن. هيڏانهن گرفتاري، نه هوڏانهن عدالتن مان ضمانت تڙي ڪڙي تيار! ان ڪري پڻ حڪومت سخت پريشان آهي. حڪومت وانڙائپ جو شڪار نه اڳ ۾ ئي هئي. جو هڪ صوبي جي منتظم رهندڙ کي سڄي ملڪ جي حڪمراني جو ڪيڪ پليٽ ۾ رکي پيش ڪيو ويو. جنهن اهو نه سوچيو ته سندس هاضمي ۾ اهو هضم ڪرڻ جي ڪيتري سگهه آهي! هاڻي جڏهن انتظامي بدهضميءَ ڪيس پريشان ڪيو آهي ته هو ڪڏهن مشورن جون ڦڪيون ٿو واپرائي ته ڪڏهن ڪهڙا نسخا ٿو آزمائي. مسٽر وزيراعظم جي حالت اها آهي ته ڪيس سندس ئي حڪمران اتحاد جو مولانا فضل الرحمان به نٿو مڃي. سپريم ڪورٽ سامهون ڌرڻو هڻڻ کان روڪڻ باوجود اهو ڌرڻو هڻي ويو. جنهن ۾ "چاچو" جي "ڀائيٽيءَ" به شريڪ ٿي ڌرڻي کي رونق بخشي. ناميارو صحافي ۽ دانشور فرنود عالم پنهنجي هڪ تحرير ۾ "مولانا" جي حوالي سان ڄاڻايو آهي ته. مولانا فضل الرحمان جا ٽي سياسي استاد رهيا: (1) مولانا مفتي محمود (سندن والد)، (2) نوابزادو نصر الله خان (3) خان عبدالولي خان. نوابزادي جي درسگاهه ۾ کين سندن والد ويهاريو، جڏهن ته خان عبدالولي خان سندس پنهنجي چونڊ هئي. فرنود عالم وڌيڪ ڄاڻائي ٿو ته، مولانا فضل الرحمان 27 سالن جي عمر ۾ جي يو آءِ جي واڳ سنڀالي ۽ دستاربنديءَ کان فورن پوءِ هو خان ولي خان جي آشيرواد وٺڻ لاءِ چارسده پهچي ويو هو. مولانا فضل الرحمان اڪثر ڪري خان ولي خان جي ان ڳالهه جو حوالو ڏيندو آهي ته. "سياست ۾ جنهن گهڙيءَ مايوسيءَ جا ڪڪر ڇانئجڻ لڳن. اها ئي پيشقدميءَ جي گهڙي هوندي آهي. ان گهڙيءَ جيڪو ويٺو رهيو، اهو ويٺو ئي رهندو". ضياءَ جي هٿ تي بيعت نه ڪرڻ جي ڪري مولانا ساڍا ٽي سال قيد پڻ ڪاٽيو. جنهن کان پوءِ هو سياسي طرح محترما بينظير ڀٽو ۽ ميان نواز شريف جو اتحادي رهيو. خان ولي خان جي چوڻيءَ تي عمل ڪندي مولانا پيشقدميءَ جي گهڙي هٿان نه وڃائيندو آهي. هن ڀيري به هن پي ڊي ايم مان مخالفت باوجود اها گهڙي هٿان وڃڻ نه ڏني.

هڪ خيال اهو پڻ آهي ته پهرين اسٽيبلشمينٽ پي ٽي آءِ سان پريت جا پيچ پاتا ۽ پوءِ انهن جو رُسامو ٿيو ۽ پي ٽي آءِ تي اسٽيبلشمينٽ جي جيئڻ نه گهڻي سيڙپ ٿيل آهي ۽ عارضي طرح نواز ليگ سان "حلالو" ڪيو ويو آهي ۽ جلد ئي وري پي ٽي آءِ ان بستري تي هوندي، پر اهو امڪان گهٽ ٿو لڳي، ڇو ته معاملا "پوائنٽ آف نو ريٽرن" تي پهچي چڪا آهن. هاڻي شايد واپسي ممڪن نه هجي!

اها حقيقت آهي ته عمران خان نواز ليگ کي ان جي پاور بيس (پنجاب) ۾ چئلينج ڪيو ۽ مولانا فضل الرحمان کي ڪي پي ڪي ۾ سوڙهو ڪري رکيو هو. نواز ليگ ۽ مولانا ان ڪري ئي گهڻا سرگرم آهن. باقي شريفن وڏي مهارت سان پ پ پ ۽ بلوچستان کي ان جنگ ۾ گهليو آهي. پ پ پ ڪٿي ڪجهه به ڪري پر عمران خان کي پنجاب مان تڙڻ بعد نواز ليگ پ پ پ کي به پنجاب ۾ پير ڄمائڻ نه ڏيندي. هونئن به پ پ پ سان نواز ليگ جي ساٿ ۽ سهڪار جو رڪارڊ گهڻو ٺيڪ ناهي رهيو. ميان نواز شريف اسٽيبلشمينٽ جي چوڻ تي ئي ڪارو ڪوٽ پائي چونڊيل وزيراعظم يوسف رضا گيلانيءَ کي نا اهل ڪرايو. افتخار چوڌريءَ جي تحفظ لاءِ آصف زرداريءَ جي، ججن جي مقرريءَ تي قانونسازي روڪرائي. موجوده چيف جسٽس جي نامزد ڪيل ججن کي اڪثريت ڏياري هئي. حيرت آهي. جو ايترو ڪجهه ڪرڻ بعد به اهي "ووٽ کي عزت ڏيو" جو نعرو هڻندا رهيا آهن. ڇا انهن جي اهڙن افعالن سان ووٽ کي عزت ملي سگهندي؟ ڪالهه نواز ليگ اسٽيبلشمينٽ سان گڏ ٿي بيٺي ۽ پ پ پ کي پنجاب مان تڙيو ويو، پوءِ اسٽيبلشمينٽ عمران خان کي استعمال ڪري نواز ليگ کان پنجاب کسي ورتو، پر نواز ليگ اڄ به تاريخ مان سبق سکڻ جي لاءِ تيار نه آهي ۽ وري استعمال ٿي رهي آهي. ها. البته آصف زرداريءَ نواز ليگ سان ليکو چُڪتو ڪري ورتو آهي. هڪ خيال اهو پڻ آهي ته وفاق ۾ حڪومت ڏياري ان نواز ليگ جي سياست جي قبر کوٽي ڇڏي آهي. باقي رهيل ڪم نواز ليگ پاڻ پورو ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن ووٽ کي عزت ڏيڻ جو وقت هو ته انهن همخيال ججن کي اعليٰ عدالتن ۾ آندو ۽ جڏهن منهن مقابل تي، اکيون اکين ۾ وجهي ڳالهائڻ ۽ پنهنجون ڳالهيون مڃرائڻ جي ضرورت هئي ته. اقتدار جي بک ۾ حڪومت جي تابوت کي ڪلهي تي کڻي ورتائون.

فوجي اصول آهي ته پسپائيءَ بعد پوئتي جيڪي اثاثا رهجي ويندا آهن. انهن کي هٿ سان تباهه ڪري ڇڏبو آهي ته جيئن اهي "دشمن" جي هٿ نه اچي سگهن. پر هتي اسٽيبلشمينٽ جي پسپائيءَ ڪانپوءِ ان اهم اصول کي نظرانداز ڪيو ويو. هئڻ نه ائين گهربو هو ته اهي ڌوهاري، جيڪي ففٿ جنريشن وار جا خالق هئا، جن هڪ سڄي نسل کي گمراهه ڪيو. جن پي ٽي آءِ کي سياسي جماعت بدران هڪ "ڪلٽ" يا فرقو بڻائي ڇڏيو. اهڙو فرقو، جيڪو هر مخالف کي گناهگار ٿو سمجهي، انهن کي ٺڪاڻي لڳائڻ گهرجي ها. پر ائين نه ڪيو ويو. عمران لاءِ اجهو بڻيل منصفن جي منجي نه ٺوڪي وئي. رڳو غير سياسي هجڻ جو اعلان ئي ڪافي نه هو. ان گند کي به صاف ڪرڻ جي ضرورت هئي. جيڪو اسٽيبلشمينٽ پاڻ ڪيو هو. چئن سالن جي ناڪاميءَ جو بار ڪنهن تي وجهي هليو وڃڻ مسئلي جو حل نه آهي. اسٽيبلشمينٽ کي ٻن سپهه سالارن کان حساب وٺڻو هو. جن کي هيترو سڀ ڪجهه ڦهي ويو. جن شطرنج جي بساط تي مهرا تبديل ڪري هيترو نقصان پهچايو! ڇا اهو سڀ ڪجهه آئين جي عين مطابق هو؟ پرويز الاهي جي ان اعتراف کان پوءِ ته. کين باجوه عمران خان جو ساٿ ڏيڻ جو چيو، پلاڪنهن شڪ شبهي جي گنجائش باقي بچي ٿي؟

هن وقت حڪومت ۽ اسٽيبلشمينٽ ٻئي عمران خان ۽ ان جي جماعت تي ڏمريل آهن. حڪومت ڪهڙي؟ اسٽيبلشمينٽ ئي اسٽيبلشمينٽ آهي. اها حقيقت آهي ته عمران خان چئن سالن جي اقتدار دوران ملڪ کي تباهه ڪيو. سي پيڪ کي ڪباڙخاني جي حوالي ڪري ڇڏيائين. ۽ اقتدار مان نڪرڻ کان پوءِ به وڳوڙ ڪرائي وڏي تباهي آندي ويئي آهي. هاڻي چئني پاسن کان ان جو گهيرو تنگ ڪيو ويو آهي. سندس ساٿي کيس هڪ هڪ ڪري ڇڏڻ لڳا آهن ته هن جي ڪنڌ مان ڪِلي نڪرڻ گهرجي. پر کيس يقين ڏياريو ويو آهي ته "منصف" ساڻس گڏ آهن. هو هڪ وک به پوئتي هٽڻ جي لاءِ تيار نه آهي. پنجاب حڪومت وري زمان پارڪ ۾ آپريشن جون تياريون ڪري ورتيون آهن. ۽ "ڌوهارين" کي قانون حوالي ڪرڻ جو الٽيميٽم به ڏيئي ڇڏيو آهي. پر اصل ڳالهه وري به اها آهي ته ملڪ تي تجربا ڪري پنهنجي مرضيءَ جا ڪردار مسلط ڪري ڊيفالٽ تائين پهچايو ويو آهي. ادارن کي ٽڪراءَ ۾ آندو ويو آهي. انهن ڪردارن کي به قانون جي گرفت ۾ آڻڻ جي ضرورت آهي. عمران خان کي حڪومت ڇڏڻ سان ايترو نقصان ناهي ٿيو، جيترو نقصان نواز ليگ وفاقي حڪومت وٺي پاڻ کي پهچايو آهي.

صوفِي لاکوفِي، ڪوڻ پانئيس ڪيڻ؛
منجهيان ٿِي مَنجهِ وڙهي، پڌر ناهِس پيڻ؛
جنين ساڻس ويڻ، تَئي تنين جو واهَرو.

گل حسن ڪلمتي: ڪراچيءَ جو مورڙو

دودو چانڊيو

ڪراچي جي تاريخ کي بدنصيبي جي ڍير مان کوٽي ڪڍي هن شهر جي حقيقي مالڪي کي قلمبند ڪندڙ گل حسن ڪلمتي ڪراچي جي مٽي حوالي ٿي ويو. تاريخي طور ڪراچي شهر جنهن زمين جي ٽڪري تي آباد آهي، اتي گل حسن ڪلمتي جي ڪلمتي برادري ارغونن ترخانن کان وٺي مغلن تائين انيڪ ويڙهون وڙهڻ باوجود شڪستون قبول نه ڪيون. اها ڪراچي جيڪا ورهاڱي بعد نندي کنڊ مان ٿيل لڏپلاڻ جي ڪري هن ڌرتي جي ٽڪري تي اوپري بڻجي وئي هئي، ان ڪراچي جي ٻاڙي ٻاڙي لتاڙي گل حسن ڪلمتي صدين جي تاريخ سهيڙي اهو قلمبند ڪري ڇڏيو ته هي شهر سنڌ جي مارئي آهي.

عظيم انسان هميشه وڏا خواب ڏسندا آهن ۽ انهن جي ساڀيان لاءِ ڪوششون وٺندا آهن. ڪراچي جي ضلعي ڪائونسل ۾ هڪڙي انفارميشن آفيسر جي ڪرسيءَ تي ويٺل گل حسن ڪلمتي ان وقت ڪراچي جي مالڪي جو خواب ڏٺو جڏهن هي شهر ڌري گهٽ سنڌ ۽ سنڌين کان ڦرجي يا قيد ٿي چڪو هو ان ڪري ئي هن سڀ کان پهرين ڪم اهو ڪيو ته ڪراچي جي تاريخ کي گڏ ڪرڻ شروع ڪيو پوءِ اهي ماڳ مڪان هجن، اهي تاريخي عمارتون هجن، روڊ رستا هجن، بندرگاهه هجن يا وري هن شهر جي عظيم هيرن جو ذڪر هجي، هن هڪ هڪ پنو ۽ هڪ هڪ عمارت کي پنهنجين اکين سان ڏسي ڪراچي اڏيندڙن جي هڪ اهڙي تاريخ اڏي. جيڪا صدين تائين ايندڙ نسلن کي ڪم ايندي. گل حسن ڪلمتي ڏٺو ته هي شهر ڌاري آبادي جي قيد ۾ آهي، ان ڪري ئي هن ڪراچي کي سنڌ جي مارئي جو نالو ڏنو. هن نالي ڏيڻ بعد هن نه رڳو ڪراچي بابت لکيو پر ڪراچي جي قديم سنڌين کي گڏ ڪري لازوال تحريڪون پڻ هلايون. ڪراچي جي ڳوٺن جي بچاءَ کان وٺي ڪراچي جي زمينن تائين جيڪي به تحريڪون هليون، گل حسن ڪلمتي انهن تحريڪن جو روح روان هو. عجيب اتفاق آهي ته ڪجهه عرصو اڳ بحريا ٽائون خلاف جيڪو احتجاج ٿيو هو ان ۾ گل حسن ڪلمتي کي هڪ دهشتگرد ڄاڻائي ڪيس داخل ڪيو ويو. ان ئي گل حسن جي ڪالهوڪي لاڏاڻي تي سنڌ اسيمبلي ۾ کيس سنڌ جو هيرو پيش ڪري پيتا ڏيڻ جو ٺهراءُ منظور ڪيو ويو. ڪراچي جي ڳوٺن جي بچاءَ لاءِ سڀ کان وڏي تحريڪ انڊيجينس الائنس هلائي. ان الائنس جو بنياد وجهندڙ گل حسن ڪلمتي هو هن نه رڳو گاڏيءَ واري شهر ڪراچي پر سنڌ جي سڄي ساموندي پٽيءَ جا پنڌ ڪيا. هنگلاج کان وٺي سسئي جي ماڳ مڪان تائين ويندي هو ان هنڌ تي به پهتو جتي کيس ڪنهن اطلاع ڏنو ته انگريزن خلاف جنگ وڙهندڙ سورهيه بادشاهه جو لاش اتي دفن ڪيو ويو آهي.

مون کي ياد ٿو اچي ته ڪراچي آرٽس ڪائونسل ۾ سسئيءَ جي پنڌن بابت هڪ پروگرام ٿي رهيو هو ۽ ان ۾ گل حسن ڪلمتي جڏهن ٻڌايو ته سسئي پنهور کان جيڪو رستو ورتو هو اها سسئي جي جيڪا واٽ هئي، اها ملير کان ٿيندي ان زمين تان ڪراچيءَ کان ٻاهر نڪتي هئي، جنهن کي هاڻي بحريا ٽائون چون ٿا. پروگرام جي ميزبان بحريا ٽائون جو نالو وٺڻ تي اعتراض ڪيو ته هن وڏو ٽهڪ ڏيندي چيو ته بحريا ٽائون مٿان هڪ پل ناهيو جتان آئون سسئيءَ کي گذاري مڪران موڪليان! نه رڳو ڪوهستان پر لسبيلي تائين جيڪي به هن ڌرتيءَ جا رهواسي آهن، انهن جي سموري تاريخ کي سرڪاري ادارا اربين رپيا خرچ ڪرڻ باوجود گڏ نه ڪري سگهندا هئا، اها هن فقير منش پنهنجي هڙان وڙان ڏئي پيرين پنڌ ڪري ان کي محفوظ ڪيو. ڪراچي اهو بدنصيب شهر آهي، جنهن ۾ هتي 75 سالن کان رهندڙ ماڻهو به اڃا تائين اهو سمجهي ناهن سگهيا ته هي شهر ڪو سنڌ جو حصو آهي. گڏوگڏ ڪجهه سياسي تعصب پرستي جو مظاهرو ڪندي اهو چيو ويندو آهي ته ڪراچي کي اسان آباد ڪيو پر گل حسن ڪلمتي سنڌ جو اهو واحد انسان هو جنهن تحقيق ڪري لکت ۾ اهو ثابت ڪيو ته ڪراچيءَ کي ٻاهران آيل ماڻهن اچي آباد ناهي ڪيو نه ئي وري ڪراچي جا وڏا ادارا ٻاهران آيل ماڻهن ناهيا آهن پر هن ثابت ڪيو ته ڪراچي ورهاڱي کان اڳ جن ماڻهن آباد ڪئي يا ادارا ناهي ڪراچي کي ترقي وٺرائي، اهي هن مٽيءَ جي پيداوار ئي هئا. گل حسن ڪلمتي بابت تمام وڏي ڪم ۽ تحقيق جي ضرورت آهي. گهٽ ۾ گهٽ به ايترو ئي ڪم ٿيڻ گهرجي، جيترو گل حسن ڪلمتي پاڻ تحقيق ڪري گڏ ڪيو آهي.

سنڌ اسيمبلي گذريل ڏينهن ٺهراءُ پاس ڪيو آهي ته گل حسن ڪلمتي جي نالي سان ڪنهن روڊ جو نالو رکيو وڃي يا ڪنهن عمارت تي نالو رکيو وڃي. آئون سمجهان ٿو ته گڏاپ يا گلستان جوهر بدران ڪراچي جي اولڊ سٽي ايريا اندر ڪنهن عمارت يا ڪنهن روڊ جو نالو رکڻ سان گڏوگڏ ڪراچي جي اندر سندس نالي سان ڪنهن وڏي تحقيقي اداري جو بنياد رکيو وڃي، گل حسن ڪلمتي ڪراچي جو مورڙو هو ۽ هن شهر جي هيري طور کيس سدائين ياد رکيو ويندو.

بقايا 01

بڻائڻ قومي سلامتي لاءِ خطرو آهي سپريم ڪورٽ بار موجب سيڪيورٽي خدشا ختم ڪرڻ ۽ امن امان برقرار رکڻ ضروري آهي. انصاف ۽ مناسب عمل واري اصول کي برقرار رکڻ به اوترو ئي ضروري آهي بار موجب فوجي عدالتن ۾ ٽرائل سان شفافيت، غيرجانبداري ۽ شهري آزادي جي تحفظ تي سوال جنم وٺي سگهن ٿا. يقيني بڻائڻ گهرجي ته الزام هيٺ آيل ماڻهن کي بنيادي حق ۽ منصفاڻي ٽرائل جو موقعو ملي سپريم ڪورٽ بار چيو آهي ته فوجداري انصاف جو نظام اڳواٽ موجود آهي. فوجي عدالتن ۾ ٽرائل غيرآئيني هوندو. سول عدالتن کي مضبوط بڻائڻ ۽ دهشتگردي جا ڪيس اڪلائڻ لاءِ سندن صلاحيت وڌائڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي سپريم ڪورٽ بار حڪومت ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کان 9 مئي جي واقعن جي آزاد جاچ ڪرائڻ جو به مطالبو ڪيو آهي چيف جسٽس 15 لک 27 هزار 399 روپيا پگهار کڻي ٿو: تفصيل ڪميٽي ۾ پيش

بقايا 02

ويو جڏهن ته اظهار راءِ جي آزادي ۽ اجتماع جي آزادي تي ڪنهن به پچڪڙي جي جاچ ڪرائڻ تي زور به ڏنو ويو آمريڪي پرڏيهي وزير کي خط موڪلڻ ۾ پاڪ پيڪ تنظيم ڪردار ادا ڪيو. پاڪ پيڪ ڪجهه عرصو اڳ پهرين لابنگ به ڪئي هئي.

بقايا 03

ٿا ته هر ماڻهو جي کُنڀ ڪٽي وڃي. سنڌ جي آبادي 6 ڪروڙ 5 لک هجڻ گهرجي. آبادي گهٽائي 7 ڪروڙ ڪئي وئي پريس ڪانفرنس دوران مراد علي شاهه چيو ته عمران خان جي گرفتاري ۽ 9 مئي تي ملڪ ۾ جيڪي فساد ٿيا هئا. 9 مئي تي وارنٽ ذريعي جوابدارن جي گرفتاري تي سڄي ملڪ ۾ افراتفري پکڙجي وئي، اهو سڀ ڪجهه ٿيو جناح هائوس لاهور ۾ جيڪو ٿيو اهو سڀين ڏٺو. سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه چيو آهي ته پشاور ۾ ريڊيو پاڪستان جي عمارت کي ساڙيو ويو. ڪراچي ۾ ماڻهن کي نقصان پهچايو ويو هن چيو ته پيپلز بس سروس کي نقصان پهچايو ويو. هڪ بس کي باهه ڏني وئي. ملوث ماڻهن خلاف ڪارروائي ڪئي پئي وڃي. سنڌ جي وڏي وزير جو چوڻ آهي ته جيڪو به انتشار پکيڙڻ ۾ ملوث هوندو ڪنهن کي به نه بخشيو ويندو. سڀني کي سزا ڏني ويندي.

بقايا 04

ڊير وارو شيڊول ڏنو آهي. آرڪائيوز ڪامپليڪس ڪلفٽن ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي شرجيل انعام ميمڻ مطالبو ڪيو ته اليڪشن ڪميشن پنهنجي شيڊول ۾ فوري تبديلي ڪري ته جيئن سنڌ ۾ مڪاني چونڊن جو عمل جلد کان جلد مڪمل ٿي سگهي ۽ چونڊيل مڪاني نمائندا عوامي خدمت وارا پنهنجا فرض سرانجام ڏئي سگهن. هن چيو ته 9 مئي پاڪستان جي تاريخ جو ڪارو ترين ڏينهن هو. 9 مئي تي ماڻهن کي ستايو ويو. سرڪاري ۽ خانگي ملڪيتن کي باهه ڏني وئي. پي ٽي آءِ جا ايم اين ايز ۽ ايم پي ايز 9 مئي تي ٿيل واقعن ۾ ملوث هئا. هن چيو ته ڀڃ ڊاهه ڪرڻ وارا هاڻي بيان ۽ پارٽيون تبديل ڪري رهيا آهن. 2018 ۾ جهڙي ريت انهن ماڻهن کي بورين ۽ جهاز ۾ ڀري هن پارٽي ۾ آندو ويو آهي. هاڻي اهي ماڻهو ساڳي اسپيڊ سان اُن کي ڇڏي رهيا آهن. هن چيو ته عمران خان 9 مئي جي واقعن جو الزام ڪنهن ٻئي تي مڙهيو ۽ ويڊيوز جا ثبوت واضح طور تي ٻڌائي رهيا آهن ته پي ٽي آءِ جا ايم اين اي، ايم پي اي ۽ ليڊر انهن واقعن ۾ پاڻ ذاتي طور ملوث هئا. اُن موقعي تي هن صحافين کي اسڪرين تي 9 مئي جي واقعن ۾ ملوث جوابدارن جون وڊيوز پڻ تفصيل سان ڏيکاريون. هن چيو ته وڏي وزير مراد علي شاهه چيو آهي ته 9 مئي کي جن ماڻهن جون موٽر سائيڪلون ساڙيون ويون آهن. سنڌ سرڪار انهن متاثر ماڻهن کي موٽر سائيڪلون ڏيندي. سنڌ حڪومت انهن متاثر ماڻهن کي موٽر سائيڪل ڏيندي. ڇاڪاڻ ته اهي پورهيت ماڻهو پنهنجن ڪم ڪارن لاءِ گهرن کان موٽر سائيڪلن تي نڪتا هئا ۽ اُن تخريبڪاري جو شڪار ٿي ويا. هن چيو ته سنڌ سرڪار کي پنهنجي محنت ڪش شهرين جي اهنجن جو احساس آهي. اُن لاءِ اسان شهرين جي نقصان جي ازالي لاءِ قدم کڻي رهيا آهيون. پر هي سمورا پئسا تخريب ڪاري ڪندڙن کان واپس ورتا ويندا. شرجيل انعام ميمڻ جو چوڻ هو ته آئون ڪنهن تي الزام نٿو مڙهيان، فوٽيجز ۾ صاف طور تي ڏسي سگهجي ٿو ته 9 مئي تي ٿيل واقعن ۾ عمران خان جا نمائندا ملوث هئا. انهن پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي ملازمن کي به نشانو بڻايو شرجيل انعام ميمڻ واضح ڪيو ته قانون هٿ ۾ کڻندڙن ۽ اهلڪارن تي تشدد ڪرڻ وارن کي ڪنهن به صورت ۾ بخشيو نه ويندو. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ماڻهن کي منظم ۽ بدترين طريقي سان تشدد جو نشانو بڻايو ويو. عوام جي سفري سهولت لاءِ ڏنل بسون ساڙيون ويون. عمران خان انهن گاڏين ۾ سفر ناهي ڪندو. هي گاڏيون عام عوام ۽ غريب ماڻهن جي سهولت لاءِ هيون. هي نقصان غريبن کي رسايو ويو آهي. جيڪي ماڻهو 9 مئي وارن واقعن ۾ ملوث هئا. انهن کي ڪنهن به صورت ۾ معاف نه ڪيو ويندو. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته پي ٽي آءِ هاڻي هڪ دهشتگرد تنظيم بڻجي چُڪي آهي. پي ٽي آءِ 9 مئي تي جيڪو ڪجهه به ڪيو. اهو ڪنهن قومي جماعت جو ڪم نٿو ٿي سگهي. ڪابه قومي پارٽي اهڙي قسم جي تشدد جي سياست ناهي ڪندي ۽ نه ئي اُن جو سياسي طرز عمل آهي. عمران خان رڳو پنهنجي اقتدار جي حوس ۽ پنهنجي انا جي تسڪين لاءِ ماڻهن کي انساني ڍال طور استعمال ڪندو آهي. کيس عوام سان ڪو سروڪار ناهي. عمران جي پارٽي جا ماڻهو جيلن ۾ آهن ۽ هو پاڻ گهر ويٺو آهي. ٻين جي ٻارن کي احتجاج لاءِ اتساهي رهيو آهي. پر سندس ٻار ملڪ کان ٻاهر ويٺل آهن هن چيو ته عمران خان تي ڪرپشن جا سنگين ڪيسز آهن. اسان ڪوشش ڪئي ته سمورين پارٽيون گڏجي ڪوشش ڪن. پر عمران خان ملڪي ادارن کي نشانو بڻايو آهي. معصوم ماڻهن کي گمراهه ڪري انهن کي روڊن تي آڻي رهيو آهي، پنهنجي سياست جي لاءِ انهن کي انساني ڍال طور استعمال ڪري رهيو آهي. قوم اکيون کولي. هي شخص عوام کي پنهنجي ذاتي مفادن ۽ اقتدار جي حاصلات لاءِ استعمال ڪري رهيو آهي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته القادر ٽرسٽ جا پئسا ڪهڙي حساب ۽ قومي خزاني جي بدران ڪنهن ٻئي اڪائونٽ ۾ جمع ڪرايا ويا. ڏنو وڃي ته هي پئسا ڪٿان آيا ۽ ڪنهن موڪليا. اهو ڪٿي به ناهي ٿيندو ته هڪ کاتي جا پئسا ڪنهن ٻئي کاتي جي اڪائونٽ ۾ جمع ڪرايا وڃن. هن چيو ته هنن ماڻهن کي ٿيلها ڀري ضمانتون ملي رهيون آهن. جڏهن ته اسان کي ورهين تائين ضمانت نه ملي سگهي. سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر آغا سراج دراني کي اڃا تائين ضمانت نه ملي. جڏهن ته پي ٽي آءِ جي لاءِ ضمانت ڪو مسئلو ئي ناهي. اسان لاءِ ضمانت ناممڪن هئي. هي ٻٽو معيار ختم ٿيڻ گهرجي. پيپلز پارٽي جي قيادت کي ورهين تائين جيلن ۾ قيد رکيو ويو ۽ ضمانت نه ڏني وئي. هڪ ملڪ ۾ هڪ ئي قانون هجڻ گهرجي. 22 ڪروڙ عوام کي هڪ نظر سان ڏسڻ گهرجي. فيصلا هڪ آئين تحت ٿيڻ گهرجن. آئين، قانون، پارليامينٽ کي بلڊوز ڪرڻ. آئين تي پابندي لڳائڻ، پارليامينٽ جي حق تي ڌاڙو هڻڻ، پنهنجي فيملي کي فائدو پهچائڻ جو اختيار ڪنهن وٽ به ناهي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ملڪ اڳواٽ ئي گهڻا نقصان ڀوڳيا آهن. هي وطن آهي ته اسان آهيون. هر صوبي ۾ رهندڙ عوام جا حق هڪ جهڙا ۽ برابر آهن. اهو نٿو ٿي سگهي ته هڪ مخصوص طبقي کي اوهان مسلسل رعايتون ڏيو ۽ جيڪو اوهان کي يا اوهان جي گهر وارن کي پسند ناهي اُن کي سزائون ڏيو، هن وقت جيڪو ڪجهه ٿي رهيو آهي اهو قبولڻ ۽ برداشت جوڳو ناهي. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته هن سوال مان ثابت ٿئي ٿو ته عمران خان جا لابيئسٽ ٻاهر به ڪم ڪري رهيا آهن. هن سوال ڪيو ته عمران خان سان ڪهڙو ظلم ٿيو آهي؟ عمران خان غير ملڪي فنڊنگ ورتي ۽ پنهنجو ڏوهه پڻ قبولي ورتو. دُنيا جي ڪهڙي قانون ۾ لکيل آهي ته ملڪيتون لڪايون وڃن. عمران خان جي سرگرمين کان بي خبر ماڻهن کي جڏهن عمران خان جي سرگرمين بابت خبر پوندي تڏهن هُو پنهنجون قراردادون ۽ اهڙي قسم جا خط واپس وٺي ڇڏيندا. شرجيل انعام ميمڻ جو چوڻ هو ته جنهن رستي تي ملڪ کي هلايو پيو وڃي اهو صحيح ناهي. آئون گذريل پنجن ورهين کان پيشيون ڀوڳي رهيو آهيان، مون کي اڄ تائين ڪنهن به "گڊ ٽو سِي يو" ناهي چيو. هڪ شخص جيڪو جوابدار آهي، اُن کي ڏسي ائين چيو پيو وڃي. ساڻس بادشاهه سلامت وارو سلوڪ ٿي رهيو آهي. هن چيو ته پي ٽي آءِ جا ماڻهو جيڪي وڳوڙن ۾ ملوث هئا. انهن خلاف شاهديون موجود آهن. ادارن تي حملا ڪري ادارن تي الزام مڙهيو پيو وڃي. سنڌ اسيمبلي ۾ اپوزيشن ليڊر معافي لاءِ درخواستون موڪلي رهيو آهي. پر انهن ماڻهن جيڪي بسون ۽ گاڏيون ساڙيون آهن. انهن جا پئسا ڪير ڀرڻا پوندا. شرجيل انعام ميمڻ جو چوڻ هو ته پيپلز بس سروس کي ساڙڻ ۽ ڀڃ ڊاهه ڪرڻ وارن جي ايف آءِ آر داخل ٿي چُڪي آهي. جنهن به اهو غلط ڪم ڪيو اُن کي نقصان ڀوڳڻو پوندو. سنڌ سرڪار سدائين ماڻهن کي نقصان جو معاوضو ادا ڪيو آهي. بولٽن مارڪيٽ ساڙي وئي. ٽمبر مارڪيٽ ۾ باهه لڳي. سنڌ سرڪار متاثرن جي مدد ڪئي آهي ۽ آصف علي زرداري صاحب جي حڪم تي متاثرن کي معاوضو پڻ ڏنو ويو. پاڪستان پيپلز پارٽي جي قيادت سدائين پاڪستان جي عوام جي ڀلائي جو خيال رکندي آهي ۽ اُن کي مسلسل جاري رکندي.

بقايا 05

مملڪتي صدر چيو ته عمل ۾ انساني حقن جو خيال رکيو وڃي، مارڪٽ نه ٿيڻ گهرجي. ملوث ماڻهن کي قانون موجب سزا ملڻ گهرجي. صدر چيو ته عمران خان آرمي چيف جنرل عاصم منير جي مقرري جي مخالفت نه ڪئي هئي. عمران خان چيو هو ته جنرل باجوه کي ٻڌايو وڃي ته هو آرمي چيف طور قبول ڪيو ويندو.

بقايا 06

جو چوڻ آهي ته صدر عارف علوي اهو ڪم ڪرڻ کان معذرت ڪئي هئي جنهن ڪانپوءِ عمران خان صدر عارف علوي کان ناراض هو عمران خان ايڏو بي احتياط قسم جو ماڻهو آهي جو کيس اهو احساس به نه رهيو ته هو پوليس لائين ۾ اعليٰ عدالت جو مهمان آهي. غير ذميواريءَ جي عمران خان حد پار ڪندي هڪ اداري جي گهر ۾ ويهي ايڏي وڏي ڳالهه ڪري ڇڏي جيڪا ذاتي گهر ۾ ڪندي به انسان ڏهه ڀيرا سوچيندو آهي. صدر علوي کي عمران اهو به چيو ته هڪ ئي ماڻهو آرمي چيف آهي جيڪو مسئلا پيدا ڪري رهيو آهي. ان کي اوهان هٽايو ته باقي سڀ مسئلا حل ٿي ويندا پر صدر علوي انتهائي مهذب انداز ۾ معذرت ڪري هليو ويو هو اهڙي رپورٽ به قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي ملي چُڪي آهي. ان رپورٽ ملڻ ڪانپوءِ ئي ڪور ڪمانڊرز ڪانفرنس جو غير معمولي اجلاس گهرائي سخت فيصلا ڪيا ويا هئا. جنهن ڪانپوءِ عمران خان جو هر گذرندڙ ڏينهن گهيرو تنگ ٿي رهيو آهي.

بقايا 07

طرفن رهندڙ ماڻهن لاءِ روزگار جا موقعا پيدا ٿيندا ۽ اسمگلنگ جي روڪٿام ڪري سگهبي. حڪومت وڌيڪ 5 بارڊر مارڪيٽس تي ڪم ڪري رهي آهي جنهن کي جلد واپار لاءِ کوليو ويندو. ٻنهي اڳواڻن 100 ميگاواٽ گبد پولان بجلي ٽرانسميشن لائين جو به افتتاح ڪيو گبد پولان ٽرانسميشن لائين وزيراعظم شهباز شريف جي ذاتي دلچسپي جي بدولت گهٽ مدي ۾ تعمير ٿي هن ٽرانسميشن لائين جي تڪميل سان ايران گهٽ لاڳت ۾ بجلي جي گڏيل مقدار 204 ميگاواٽ ٿي وئي آهي جنهن سان وزيراعظم شهباز شريف جو بلوچستان ۾ بجلي فراهمي جو واعدو پورو ٿي ويو هو دوري دوران وزيراعظم ۽ ايراني صدر وچ ۾ غير رسمي ملاقات به ٿي، ايراني صدر ابراهيم رئيسي افتتاحي تقريب جي موقعي تي بوٽو به لڳايو تقريب ۾ پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري، وفاقي وزير مريم اورنگزيب ۽ ايراني اعليٰ اختيارين به شرڪت ڪئي.

بقايا 08

، آءِ ايس پي آر موجب فورسز دهشتگردن جي ٺڪاڻي جو پتو لڳايو ۽ دهشتگرد کي ماري وڌو، جڏهن ته ٻين جي خاتمي لاءِ علائقي جي ڪليئرنس جاري آهي بيان ۾ ٻڌايو ويو ته سيڪيورٽي فورسز جي ڪارروائي دوران بهادري سان وڙهندي 23 ورهين جو سپاهي شفيق الرحمان شهيد ٿي ويو.

بقايا 09

ويو ته ان دوران اڻڄاتل جوابدارن طرفان فائرنگ ڪئي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ ٽئي دهشتگرد مارجي ويا هوڏانهن سي ٽي ڊي جو چوڻ آهي ته پشاور ۾ جوابدارن ۽ فورسز وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي، جنهن ۾ هڪ سيڪيورٽي اهلڪار زخمي ٿيو جڏهن ته علائقي ۾ سرچ آپريشن دوران هڪ حملي آور جو لاش به مليو آهي.

بقايا 10

مالياتي ادارن جي اعتراضن تي في الحال عوام لاءِ سستي پيٽرول پيڪيج تي عملدرآمد روڪيو ويو آهي پر روسي ڪچو تيل پاڪستان ايندو ته پاڪستان ۾ تيل سستو ٿي ويندو سندس موجب ڪوشش هوندي آ ته عالمي مارڪيٽ ۾ پيٽروليم شيون سستيون هجن ته پاڪستان ۾ وڌيڪ سستيون ڪيون وڃن. جيڪڏهن اگهه وڌندا آهن ته ڪوشش ڪندا آهيون پاڪستان ۾ گهٽ واڌ ڪيون.

بقايا 11

ميان گل حسن اورنگزيب ٿري ايم پي او تحت شاهه محمود قريشي جي گرفتاري خلاف درخواست تي ٻڌائي ڪئي، ٻڌائي دوران جسٽس ارباب طاهر ريمارڪس ڏنا ته ڪجهه به ٿئي، توهان کي ٻڌائي رهيا آهيون ته ٺيڪ نه ٿيو ٿئي، ڪو ڪمپرومائز نه ٿيندو. جيڪو ملوث هوندو ان کي سزا ڏينداسين. جيڪي ساڙيا ويا اهي پاڪستان جا ۽ اسان جا اثاثا آهن پر عورتن کي ائين نه پڪڙيو وڃي. قانون تي عملدرآمد ٿيندي، آءِ جي اسلام آباد چيو اسان ڏٺو آهي ته گهريلو عورتن پنهنجي مڙسن کي به قتل ڪيو آهي. گهريلو عورتون ڪجهه ٻين سرگرمين ۾ ملوث ٿي سگهن ٿيون. عدالت چيو هڪ ڳالهه ياد رکو اسان جي عدالت مان آزادي ڪانپوءِ ڪنهن کي گرفتار ڪيو ويو ته وڏو مسئلو ٿيندو. اسان جي حڪم جي پچڪڙي ٿي ته سخت نتيجا هوندا. توهان قانوني ڪارروائي ڪيو پر اهو ڇا ته توهان گهريلو عورتن کي ئي گرفتار ڪري ورتو. اسان شهريار آفريدي جي گهرواري جو حلفي بيان وٺي ڪيس آزاد ڪري رهيا آهيون. پوءِ عدالت شاهه محمود قريشي ۽ شهريار آفريدي جي گهرواري جي به آزادي جو حڪم ڏنو.

بقايا 12

حيدرآباد ۽ ايس ايس پي حيدرآباد امجد شيخ کي شڪارپور بدلي ڪيو ويو ڊاڪٽر فرخ رضا کي ايس ايس پي ڄامشورو ۽ بشير بروهي کي ايس ايس پي آپريشن ون سي ٽي ڊي مقرر ڪيو ويو آهي. عرفان سمون کي ضلعي ڪشمور ۾ بدلي ڪيو ويو آهي. جڏهن ته عمران قريشي کي بدلي ڪري اي آءِ جي ايسٽ مئنيجمينٽ سي پي او مقرر ڪيو ويو آهي. جڏهن ته سعود مگسي ڪورس تي روانو ڪيو ويو آهي. عابد بلوچ کي ايس ايس پي سانگهڙ ۽ زهره پروين کي ايس ايس پي ٿرپارڪر مقرر ڪيو ويو آهي. سنڌ پوليس جي محرر علي کي ايس ايس پي شهيد بينظير آباد مقرر ڪيو ويو آهي.

بقايا 13

قمبر شاهه مٿان حملي جو ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي حاجي خان مهر ۽ ٻيا ميرپورماٿيلي جي عدالت ۾ پيش ٿيا. ايڊيشنل سيشن جج سميع الله قريشي جي عدالت وڪيل قمبر شاهه جي درخواست تي مهر سردارن، ايس ايڇ او ذوالفقار مهر سميت 35 ڄڻن مٿان ايف آءِ آر داخل ڪرڻ جو حڪم ڏنو وڪيل قمبر شاهه درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو هو ته مهر سردارن جي چرچ تي حادثي ۾ کيس مارائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي جڏهن ته سندس ڀٽ سيد قاسم علي شاهه کي پڻ اغوا ڪيو ويو آهي. ٻڌائيءَ دوران عدالت حڪم ڏنو ته جوابدارن علي گوهر خان مهر، حاجي خان مهر، راڄا خان مهر، انور مهر، ڪامڻ گبول، ايس ايڇ او ذوالفقار مهر، ايس ايس پي گهوٽڪي جي ريڊر ابوبڪر بگول سميت 35 ڄڻن مٿان ايف آءِ آر داخل ڪئي وڃي.

بقايا 14

موٽر سائيڪل ۾ ٿيو. ڌماڪي جي نوعيت جو پتو لڳايو پيو وڃي. پوليس جو چوڻ آهي ته شروعاتي اطلاعن موجب ڌماڪو موٽر سائيڪل جي مرمت دوران ٿيو ڌماڪو موٽر سائيڪل مڪينڪ جي دڪان ٻاهران ٿيو. ڌماڪي ۾ ميگنٽ ها ايڪسپلوسيو بم جو استعمال ٿيو آهي. ڌماڪي ۾ موٽر سائيڪل جو مالڪ به زخمي ٿيو آهي.

بقايا 15

ڪانفرنس ڪندي ملڪ امين اسلم چيو ته هن وقت هڪ ايجنڊا پارٽي کي هائي جيڪ ڪيو. ان ئي پارٽي کي جوابده ٿيڻو پوندو هن چيو ته ٽي وي تي سڀ ڪجهه ڏسي سڪتي ۾ اچي ويس. هاڻ ان ايجنڊا سان وڌيڪ نٿو هلي سگهان. اها ايجنڊا جيڪي به ماڻهو هلائي رهيا آهن اهي سڄڻ ناهن. اهي ان جماعت کي اونهي کاهيءَ ۾ ڦٽو ڪرڻ آيا آهن. سندس موجب جتي جتي جلوس ڪڍيا ويا. انهن جو ٽارگيٽ فوجي ملڪيتون هيون. اها ايجنڊا دشمن جو خواب پورو ڪري رهي آهي. 9 مئي تي پارٽي ڪارڪنن قانون هٿ ۾ کنيو. پارٽي ليڊر شپ کي ان جي انڪوائري ڪرائڻ گهرجي ها. واضح رهي ته ملڪ اسلم پي ٽي آءِ جي دور ۾ ماحوليات بابت وزير رهي چڪو آهي ۽ هو بلين ٽري سونامي منصوبي جو سربراهه به هو.

بقايا 16

ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته شروعاتي جاچ بعد اها خبر پئي آهي ته ناري نورين آپگهات نه ڪيو آهي پر سندس قتل ٿيو آهي. ڪيس حل ڪرڻ جي ويجهو پهچي ويا آهيون. ايس ايس پي موجب شروعاتي جاچ ۾ مقتولا جي امڙ پوليس آڏو بيان ڏنو ته منهنجي نياڻي خودڪشي نٿي ڪري سگهي، جنهن بعد پوليس جو ناريءَ جي ڀاءُ محسن مهر جيڪو سي ٽي ڊي ۾ اي ايس آءِ آهي ان ڏي شڪ وڌيو اي ايس پي سيوهڻ موجب ناري کي لڳل گولي واري پوسٽ مارٽم جي شروعاتي مليل رپورٽ بابت طبي ماهر ڊاڪٽرن کان راءِ ورتي ته ان مان پڻ ڪيس في الحال خودڪشي جو ثابت نه ٿيو اهي ڊاڪٽرن جو خيال آهي ته نورين کي گولي ويجهي کان نه پر ڪجهه مفاصلي کان لڳل آهي، ناري جي مڙس سان ٿيل جيت ذريعي به خبر پئي ته نورين کي قتل ڪيو ويو آهي، پوليس موجب اسان کي اهڙيون شاهديون ملڻ بعد 2 ڄڻن مٿان ڪيس داخل ڪري مقتولا ناري جي ڀاءُ محسن کي گرفتار ڪيو ويو آهي جڏهن ته ڪيس جي ٻئي جوابدار ناري جي والد محمدعلي مهر کي به جلد گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو ۽ واقعي ۾ استعمال ٿيل پستول به جلد هٿ ڪيو ويندو اسان جي ڪوشش آهي ته بيگناهه قتل ٿيل ناري جي خون سان انصاف ٿي سگهي ۽ پوليس اڃان به شاهدين گڏ ڪرڻ لاءِ جاچ ڪري رهي آهي.

بقايا 17

اڳ صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته جلد يا دير چيني صدر شي جن پنگ سان ملاقات ٿيندي. واضح رهي ته جي 7 سربراهي اجلاس 19 کان 21 مئي تائين جاپان جي شهر هيروشيما ۾ ٿيندو

بقايا 18

جون تياريون شروع ڪيون ويون آهن. رپورٽ موجب پنجاب پوليس طرفان گذريل ڏينهن شروع ٿيندڙ زمان پارڪ جو گهيراءُ اڃان تائين جاري آهي. 24 ڪلاڪن کان زمان پارڪ جو گهيراءُ ختم نه ٿي سگهيو پنجاب پوليس زمان پارڪ ڏانهن ويندڙ سمورا رستا بند ڪري رکيا آهن. زمان پارڪ جي ٻاهران موجود پي ٽي آءِ ڪارڪنن جا سمورا ڪيمپ خالي ٿي چڪا آهن پنجاب پوليس جو موقف آهي ته فوجي ٺڪاڻن تي حملو ڪندڙ ڪيترائي دهشتگرد زمان پارڪ ۾ موجود آهن جن کي گرفتار ڪرڻو آهي. رپورٽون آهن ته رستا بند هجڻ سبب شهرين کي اڄ وچ ۾ پريشاني کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. رڪاوٽن سبب آفيس ۽ تعليمي ادارن ڏانهن ويندڙ ٻار سخت پريشاني جو شڪار آهن.

بقايا 19

هدايت ڪئي وئي هئي، نيب طرفان جاري ڪيل نوٽيس ۾ چيو ويو هو ته عمران خان جي غير حاضري تي قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي. نيب راولپنڊي عمران خان کي صبح 10 وڳي گڏيل جاچ ٽيم آڏو پيش ٿيڻ جو حڪم ڏنو هو ۽ 19 ڪروڙ پائونڊ جي فريزنگ آرڊرز، القادر يونيورسٽي کي ملندڙ سمورا عطيات ۽ ٽرسٽ کي عطيات ڏيندڙن جو رڪارڊ به طلب ڪيو هو احتساب بيورو القادر ٽرسٽ ۽ جوابدارن جي ڪمپني وچ ۾ ٽرسٽ ڊيڊ کان علاوه برطانوي ڪرائم ايجنسي سان لک پڙهه جو رڪارڊ پيش ڪرڻ جي هدايت به ڪئي آهي. ياد رهي ته نيب راولپنڊي شهزاد اڪبر کي به 22 مئي تي طلب ڪري رکيو آهي.

بقايا 20

گرفتاري جي حوالي سان خيالن جو اظهار ڪيو هن چيو ته لال حويلي جو ڪيس به هنگامي طور تي اڄ لڳايو ويو آهي جيستائين گرفتار نٿو ٿيان عوام سان رابطو رکڻ جي ڪوشش جاري رکندس. شيخ رشيد چيو ته منهنجي ماڻهن کي غيرقانوني طريقي سان گهرن مان کنيو ويو آهي. ڏسڻو آهي ته انهن کي اڄ عدالت ۾ پيش ڪن ٿا يا نه. مٿي الله هيٺ عدليه آهي انشاءَالله سڀ ڪجهه آئين ۽ قانون جي ٿيندي. عوامي مسلم ليگ جي سربراهه چيو ته سپريم ڪورٽ جو گهيراءُ عوام ۽ ادارن سان وڙهڻ جي ناڪام سازش حڪومت جو ايجنڊا آهي. 13 پارٽيون پنهنجي نااهلي جي ڪارڻ عوام تي ڪڙڪي رهيون آهن. هن وڌيڪ چيو ته عدالت ضمانت ڏئي ٿي ته ريڊي ميڊ ايف آءِ آر تيار ٿي ويندي آهي. ملڪ سياسي، معاشي ۽ اقتصادي طور تي تباهه ٿي ويو آهي.

بقايا 21

ڪميٽي جي اجلاس ۾ قومي سلامتي ڪميٽي جي اجلاس بابت ڳالهيون پڻ ڪيون وينديون. سينٽرل ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جو اجلاس 19 مئي جمعي تي بلاول هائوس ڪراچي ۾ ٿيندو.

بقايا 22

نيب عمران خان کي طلبي جو نوٽيس ڏنو هو طلبي نوٽيس تي عمران خان پنهنجي جواب ۾ چيو آهي ته مختلف ڪيسن ۾ گرفتاري کان اڳ ضمانتون ڪرائڻ لاءِ لاهور ۾ آهيان. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ 22 مئي تائين ڪيسن ۾ ضمانتن لاءِ وقت ڏنو آهي. هن چيو ته نيب انڪوائري کي انويسٽيگيشن ۾ تبديل ڪرڻ جو ڪم غيرقانوني آهي. نيب قانون آئين سان ٽڪراءُ آهي. تنهن ڪري پيش نٿو ٿي سگهان. عمران خان جواب ۾ نيب کي انڪوائري رپورٽ موڪلڻ جي به درخواست ڪئي.

بقايا 23

8 شڪين کي حراست ۾ ورتو ويو آهي. جيڪي فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. هن ٻڌايو هاڻ به اطلاع آهن ته زمان پارڪ ۾ شرپسند موجود آهن. زمان پارڪ تي آپريشن بابت حتمي فيصلو اعليٰ آفيسرن جي حڪم تي ٿيندو، سندس چوڻ هو ته ٻيا ماڻهو به فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪن ٿا پر پوليس کي ڏسي واپس هليا ٿا وڃن. پڪڙيل 8 شڪين کان پڇا ڳاڇا جاري آهي.

بقايا 24

ڪئي. پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريلي مسلم ليگ هائوس کان شروع ٿي ڊيوس روڊ کان ٿيندي پريس ڪلب تي اختتام پذير ٿي جنهن ۾ شرڪت ڪندڙ پاڪ فوج جي حمايت ۾ نعريبازي ڪندا رهيا. ان موقعي تي چوڌري شجاعت حسين چيو ته 9 مئي تي هنن ماڻهن جيڪو ڪجهه ڪيو اهو 75 سالن جي تاريخ ۾ نه ٿيو آهي. جيڪو ڪم ڀارت ۽ دهشتگرد به نه ڪري سگهيا اهو ڪجهه شرپسندن ڪري ڏيکاريو جيڪو به پاڪستان جي خلاف ڳالهائيندو ان کي سزا ملندي. ڀڃ ڊاهه ڪندڙن تي پابندي لڳڻ گهرجي. هن چيو ته جيڪو به آرمي چيف جي خلاف ڳالهائيندو اهو پاڪستان جي خلاف ڳالهائيندو، هاڻ چوندو ٿين يا نه ٿين پي ٽي آءِ کي پنهنجي مستقبل جي جلد خبر پئجي ويندي. ان موقعي تي چوڌري شافع حسين چيو ته 9 مئي تي جيڪو ڪجهه ٿيو اهو ملڪي تاريخ ۾ ڪڏهن به ناهي ٿيو حقيقي آزادي 14 آگسٽ تي ئي ملي وئي هئي.

بقايا 25

ڪندي احسن اقبال چيو ته ڪرنل شير خان جو مجسمو جناح هائوس ۽ ايم ايم عالم جي جهاز کي سخت نقصان پهچايو ويو اهو سمورا ڪم پي ٽي آءِ اڳواڻن جي چوڻ تي ڪيا ويا. اڳواڻن چيو ته جنهن جي جيڪا ڊيوٽي آهي اهو اتي پهچي وڃي، هن چيو ته مون سوا 2 مهينا سزاءِ موت جي چڪي ۾ ڪاٽيا. هاءِ ڪورٽ منهنجو ڪيس ڪوڙو قرار ڏيندي رد ڪيو. منهنجي جي نوڪري ۾ اچلائي ڇڏيو پي ٽي آءِ سان ڳالهين بابت احسن اقبال چيو ته عمران خان ڳالهين ٻهاني پنهنجن ڪيل ڏوهن مان اين آر او وٺڻ چاهي ٿو. هاڻ ائين نٿو ٿي سگهي. زيارت ريزيڊنسي ساڙيندڙن کي ته اسان دهشتگرد چئون پر عمران خان جي پوئلڳن جن کي جينز ۽ جوگرز پاتل هئا انهن کي معاف ڪري ڇڏيون.

بقايا 26

خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. شهزاد اڪبر ۽ ماڊل صوفيه مرزا خلاف اسلام آباد سيڪريٽريٽ پوليس اسٽيشن ۾ ايف آءِ آر داخل ڪئي وئي، ايف آءِ آر ۾ صوفيه مرزا جي ڀيڻ مريم مرزا، مائره خرم کان علاوه عميد بٽ ۽ علي مردان شاهه به نامزد آهن ايف آءِ آر موجب نامزد ماڻهن خلاف ڌوڪو ڏيڻ جعلي دستاويزات جي تياري، ڀتو خوري، هتڪ عزت ۽ خطرناڪ ڌمڪيون ڏيڻ جا ڏوهه داخل آهن عمر فاروق ظهور خلاف انتظامي ڪارروائي لاءِ ڪوڙا ڪيس پي ٽي آءِ جي 2020 واري حڪومت جي دور ۾ ٺاهيا ويا هئا.

بقايا 27

کاتي خبردار ڪيو آهي ته ملڪ جي ٽن صوبن ۾ گرمي اڃا وڌندي ۽ ويڪ اينڊ هيٽ ويو جو به خدشو آهي. موسميات کاتي جو چوڻ آهي ته ڏکڻ پنجاب، سنڌ ۽ بلوچستان سميت ٻين هنڌن تي گرمي پد اڃا وڌندو موسميات کاتي هيٽ ويو دوران شهرين کي احتياط ڪرڻ جي صلاح ڏيندي چيو آهي ته اهي مٿو ڍڪين ۽ پاڻي جو وڌ کان وڌ استعمال ڪن.

بقايا 28

جاري ڪري ڇڏيو. جنهن موجب سپريم ڪورٽ ۾ ايندڙ هفتي 7 ٻينچون ڪيسن جي ٻڌڻي ڪنديون. جڏهن ته سينيئر ترين جج جسٽس قاضي فائزعيسيٰ ايندڙ هفتي به چيمبر ورڪ ڪندو. واضح رهي ته عدالت عظميٰ جو سينيئر ترين جج جسٽس قاضي فائزعيسيٰ مسلسل 6 هفتن کان سپريم ڪورٽ جي ڪنهن به ٻينچ جو حصو ناهي ۽ ايندڙ هفتي به چيمبر ورڪ ڪندو.

بقايا 29

موٽرسائيڪل ۾ ٿيو. ڌماڪي جي نوعيت جو پتو لڳايو پيو وڃي. پوليس جو چوڻ آهي ته شروعاتي اطلاعن موجب ڌماڪو موٽرسائيڪل جي مرمت دوران ٿيو ڌماڪو موٽرسائيڪل مڪينڪ جي دڪان ٻاهران ٿيو. ڌماڪي ۾ ميگنٽ ها ايڪسپلوسيو بم جو استعمال ٿيو آهي. ڌماڪي ۾ موٽرسائيڪل جو مالڪ به زخمي ٿيو آهي.

بقايا 30

ڊير وارو شيڊول ڏنو آهي. آرڪائيوز ڪامپليڪس ڪلفٽن ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي شرجيل انعام ميمڻ مطالبو ڪيو ته اليڪشن ڪميشن پنهنجي شيڊول ۾ فوري تبديلي ڪري ته جيئن سنڌ ۾ مڪاني چونڊن جو عمل جلد کان جلد مڪمل ٿي سگهي ۽ چونڊيل مڪاني نمائندا عوامي خدمت وارا پنهنجا فرض سرانجام ڏئي سگهن. هن چيو ته 9 مئي پاڪستان جي تاريخ جو ڪارو ترين ڏينهن هو. 9 مئي تي ماڻهن کي ستايو ويو. سرڪاري ۽ خانگي ملڪيتن کي باهه ڏني وئي. پي ٽي آءِ جا ايم اين ايز ۽ ايم پي ايز 9 مئي تي ٿيل واقعن ۾ ملوث هئا. هن چيو ته ڀڃ ڊاهه ڪرڻ وارا هاڻي بيان ۽ پارٽيون تبديل ڪري رهيا آهن. 2018 ۾ جهڙي ريت انهن ماڻهن کي بورين ۽ جهاز ۾ ڀري هن پارٽي ۾ آندو ويو آهي. هاڻي اهي ماڻهو ساڳي اسپيڊ سان اُن کي ڇڏي رهيا آهن. هن چيو ته عمران خان 9 مئي جي واقعن جو الزام ڪنهن ٻئي تي مڙهيو ۽ ويڊيوز جا ثبوت واضح طور تي ٻڌائي رهيا آهن ته پي ٽي آءِ جا ايم اين اي، ايم پي اي ۽ ليڊر انهن واقعن ۾ پاڻ ذاتي طور ملوث هئا. اُن موقعي تي هن صحافين کي اسڪرين تي 9 مئي جي واقعن ۾ ملوث جوابدارن جون وڊيوز پڻ تفصيل سان ڏيکاريون. هن چيو ته وڏي وزير مراد علي شاهه چيو آهي ته 9 مئي کي جن ماڻهن جون موٽر سائيڪلون ساڙيون ويون آهن. سنڌ سرڪار انهن متاثر ماڻهن کي موٽر سائيڪلون ڏيندي. سنڌ حڪومت انهن متاثر ماڻهن کي موٽر سائيڪل ڏيندي. ڇاڪاڻ ته اهي پورهيت ماڻهو پنهنجن ڪم ڪارن لاءِ گهرن کان موٽر سائيڪلن تي نڪتا هئا ۽ اُن تخريبڪاري جو شڪار ٿي ويا. هن چيو ته سنڌ سرڪار کي پنهنجي محنت ڪش شهرين جي اهنجن جو احساس آهي. اُن لاءِ اسان شهرين جي نقصان جي ازالي لاءِ قدم کڻي رهيا آهيون. پر هي سمورا پئسا تخريب ڪاري ڪندڙن کان واپس ورتا ويندا. شرجيل انعام ميمڻ جو چوڻ هو ته آئون ڪنهن تي الزام نٿو مڙهيان، فوٽيجز ۾ صاف طور تي ڏسي سگهجي ٿو ته 9 مئي تي ٿيل واقعن ۾ عمران خان جا نمائندا ملوث هئا. انهن پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي ملازمن کي به نشانو بڻايو شرجيل انعام ميمڻ واضح ڪيو ته قانون هٿ ۾ کڻندڙن ۽ اهلڪارن تي تشدد ڪرڻ وارن کي ڪنهن به صورت ۾ بخشيو نه ويندو. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ماڻهن کي منظم ۽ بدترين طريقي سان تشدد جو نشانو بڻايو ويو. عوام جي سفري سهولت لاءِ ڏنل بسون ساڙيون ويون. عمران خان انهن گاڏين ۾ سفر ناهي ڪندو. هي گاڏيون عام عوام ۽ غريب ماڻهن جي سهولت لاءِ هيون. هي نقصان غريبن کي رسايو ويو آهي. جيڪي ماڻهو 9 مئي وارن واقعن ۾ ملوث هئا. انهن کي ڪنهن به صورت ۾ معاف نه ڪيو ويندو. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته پي ٽي آءِ هاڻي هڪ دهشتگرد تنظيم بڻجي چُڪي آهي. پي ٽي آءِ 9 مئي تي جيڪو ڪجهه به ڪيو. اهو ڪنهن قومي جماعت جو ڪم نٿو ٿي سگهي. ڪابه قومي پارٽي اهڙي قسم جي تشدد جي سياست ناهي ڪندي ۽ نه ئي اُن جو سياسي طرز عمل آهي. عمران خان رڳو پنهنجي اقتدار جي حوس ۽ پنهنجي انا جي تسڪين لاءِ ماڻهن کي انساني ڍال طور استعمال ڪندو آهي. کيس عوام سان ڪو سروڪار ناهي. عمران جي پارٽي جا ماڻهو جيلن ۾ آهن ۽ هو پاڻ گهر ويٺو آهي. ٻين جي ٻارن کي احتجاج لاءِ اتساهي رهيو آهي. پر سندس ٻار ملڪ کان ٻاهر ويٺل آهن هن چيو ته عمران خان تي ڪرپشن جا سنگين ڪيسز آهن. اسان ڪوشش ڪئي ته سمورين پارٽيون گڏجي ڪوشش ڪن. پر عمران خان ملڪي ادارن کي نشانو بڻايو آهي. معصوم ماڻهن کي گمراهه ڪري انهن کي روڊن تي آڻي رهيو آهي، پنهنجي سياست جي لاءِ انهن کي انساني ڍال طور استعمال ڪري رهيو آهي. قوم اکيون کولي. هي شخص عوام کي پنهنجي ذاتي مفادن ۽ اقتدار جي حاصلات لاءِ استعمال ڪري رهيو آهي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته القادر ٽرسٽ جا پئسا ڪهڙي حساب ۽ قومي خزاني جي بدران ڪنهن ٻئي اڪائونٽ ۾ جمع ڪرايا ويا. ڏنو وڃي ته هي پئسا ڪٿان آيا ۽ ڪنهن موڪليا. اهو ڪٿي به ناهي ٿيندو ته هڪ کاتي جا پئسا ڪنهن ٻئي کاتي جي اڪائونٽ ۾ جمع ڪرايا وڃن. هن چيو ته هنن ماڻهن کي ٿيلها ڀري ضمانتون ملي رهيون آهن. جڏهن ته اسان کي ورهين تائين ضمانت نه ملي سگهي. سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر آغا سراج دراني کي اڃا تائين ضمانت نه ملي. جڏهن ته پي ٽي آءِ جي لاءِ ضمانت ڪو مسئلو ئي ناهي. اسان لاءِ ضمانت ناممڪن هئي. هي ٻٽو معيار ختم ٿيڻ گهرجي. پيپلز پارٽي جي قيادت کي ورهين تائين جيلن ۾ قيد رکيو ويو ۽ ضمانت نه ڏني وئي. هڪ ملڪ ۾ هڪ ئي قانون هجڻ گهرجي. 22 ڪروڙ عوام کي هڪ نظر سان ڏسڻ گهرجي. فيصلا هڪ آئين تحت ٿيڻ گهرجن. آئين، قانون، پارليامينٽ کي بلڊوز ڪرڻ. آئين تي پابندي لڳائڻ، پارليامينٽ جي حق تي ڌاڙو هڻڻ، پنهنجي فيملي کي فائدو پهچائڻ جو اختيار ڪنهن وٽ به ناهي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ملڪ اڳواٽ ئي گهڻا نقصان ڀوڳيا آهن. هي وطن آهي ته اسان آهيون. هر صوبي ۾ رهندڙ عوام جا حق هڪ جهڙا ۽ برابر آهن. اهو نٿو ٿي سگهي ته هڪ مخصوص طبقي کي اوهان مسلسل رعايتون ڏيو ۽ جيڪو اوهان کي يا اوهان جي گهر وارن کي پسند ناهي اُن کي سزائون ڏيو، هن وقت جيڪو ڪجهه ٿي رهيو آهي اهو قبولڻ ۽ برداشت جوڳو ناهي. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته هن سوال مان ثابت ٿئي ٿو ته عمران خان جا لابيئسٽ ٻاهر به ڪم ڪري رهيا آهن. هن سوال ڪيو ته عمران خان سان ڪهڙو ظلم ٿيو آهي؟ عمران خان غير ملڪي فنڊنگ ورتي ۽ پنهنجو ڏوهه پڻ قبولي ورتو. دُنيا جي ڪهڙي قانون ۾ لکيل آهي ته ملڪيتون لڪايون وڃن. عمران خان جي سرگرمين کان بي خبر ماڻهن کي جڏهن عمران خان جي سرگرمين بابت خبر پوندي تڏهن هُو پنهنجون قراردادون ۽ اهڙي قسم جا خط واپس وٺي ڇڏيندا. شرجيل انعام ميمڻ جو چوڻ هو ته جنهن رستي تي ملڪ کي هلايو پيو وڃي اهو صحيح ناهي. آئون گذريل پنجن ورهين کان پيشيون ڀوڳي رهيو آهيان، مون کي اڄ تائين ڪنهن به "گڊ ٽو سِي يو" ناهي چيو. هڪ شخص جيڪو جوابدار آهي، اُن کي ڏسي ائين چيو پيو وڃي. ساڻس بادشاهه سلامت وارو سلوڪ ٿي رهيو آهي. هن چيو ته پي ٽي آءِ جا ماڻهو جيڪي وڳوڙن ۾ ملوث هئا. انهن خلاف شاهديون موجود آهن. ادارن تي حملا ڪري ادارن تي الزام مڙهيو پيو وڃي. سنڌ اسيمبلي ۾ اپوزيشن ليڊر معافي لاءِ درخواستون موڪلي رهيو آهي. پر انهن ماڻهن جيڪي بسون ۽ گاڏيون ساڙيون آهن. انهن جا پئسا ڪير ڀرڻا پوندا. شرجيل انعام ميمڻ جو چوڻ هو ته پيپلز بس سروس کي ساڙڻ ۽ ڀڃ ڊاهه ڪرڻ وارن جي ايف آءِ آر داخل ٿي چُڪي آهي. جنهن به اهو غلط ڪم ڪيو اُن کي نقصان ڀوڳڻو پوندو. سنڌ سرڪار سدائين ماڻهن کي نقصان جو معاوضو ادا ڪيو آهي. بولٽن مارڪيٽ ساڙي وئي. ٽمبر مارڪيٽ ۾ باهه لڳي. سنڌ سرڪار متاثرن جي مدد ڪئي آهي ۽ آصف علي زرداري صاحب جي حڪم تي متاثرن کي معاوضو پڻ ڏنو ويو. پاڪستان پيپلز پارٽي جي قيادت سدائين پاڪستان جي عوام جي ڀلائي جو خيال رکندي آهي ۽ اُن کي مسلسل جاري رکندي.

بقايا 31

نيب عمران خان کي طلبي جو نوٽيس ڏنو هو طلبي نوٽيس تي عمران خان پنهنجي جواب ۾ چيو آهي ته مختلف ڪيسن ۾ گرفتاري کان اڳ ضمانتون ڪرائڻ لاءِ لاهور ۾ آهيان. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ 22 مئي تائين ڪيسن ۾ ضمانتن لاءِ وقت ڏنو آهي. هن چيو ته نيب انڪوائري کي انويسٽيگيشن ۾ تبديل ڪرڻ جو ڪم غيرقانوني آهي. نيب قانون آئين سان ٽڪراءُ آهي. تنهن ڪري پيش نٿو ٿي سگهان. عمران خان جواب ۾ نيب کي انڪوائري رپورٽ موڪلڻ جي به درخواست ڪئي.

بقايا 01 سنڌيار

دڙو سميت پرپاسي جي مختلف علائقن ۾ روزانو مليريا جا سوين مريض رپورٽ ٿيڻ لڳا. دڙو جي سرڪاري اسپتال سميت پرائيوٽ اسپتالون مليريا جي مريضن سان ڀرجي ويون آهن. جڏهن تہ اسپتالن ۾ ڊاڪٽرن، دوائن ۽ ٻين سهولتن جي سخت اڻاٺ سبب مليريا ۽ گيسٽرو جا سوين مريض بي يارومددگار بڻيل آهن. شهر دڙو ۽ آسپاس جي سوين ڳوٺن ۾ ڪافي وقت کان وٺي مڇرن کان بچاءَ لاءِ اسپري نہ ٿيڻ سبب ڊينگي مليريا تباهي مچائي ڇڏي آهي، جنهن سبب سوين ٻار، عورتون، جوان ۽ وڏي عمر جا ماڻهو ڊائريا ۾ مبتلا ٿي ويا آهن. سمورين سرڪاري اسپتالن توڙي پرائيويٽ اسپتالن ۾ مليريا جا روزانو سوين ڪيس رپورٽ ٿي رهيا آهن. جڏهن تہ هر گهر جا 2 کان 3 ماڻهو مليريا ۾ مبتلا ٿيل آهن. ان ڏس ۾ هتان جي شهرين ۽ مختلف سياسي سماجي اڳواڻن اسلم سومرو، انور ملاح، اقبال سومرو، منور ميمڻ، شاهنواز سومرو ۽ ٻين دڙو ۾ مڇرمار اسپري نہ ٿيڻ جي صورت ۾ مليريا جي ڪيسن ۾ واڌ تي سخت ڳڻتي ظاهر ڪندي سخت احتجاج ڪيو آهي، هنن سنڌ حڪومت، صحت کاتي جي اعليٰ اختيارين سميت ڊي سي ۽ ڊي ايڇ او سڄاول کان مطالبو ڪيو آهي تہ دڙو ۽ پرپاسي جي مختلف ڳوٺن ۾ مليريا تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ صحت کاتي جون خاص موبائيل ٽيمون موڪليون وڃن.

بقايا 02 سنڌيار

۽ ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو آهي تہ پٽو ۽ مفت پڪوڙا وٺندڙ پوليس اهلڪارن خلاف ڪارروائي جو مطالبو ڪيو ويو پٽي طرف ايس ايس پي دادو عوامي شڪايتن جو نوٽيس وٺندي 15 مددگار پوليس موبائيل جي صوبدار چانڊيو ۽ پوليس اهلڪار زاهد حسين هنگورو کي معطل ڪرڻ بعد پوليس هيڊ ڪوارٽر ۾ ڪوارٽر گارڊ ڪرڻ جو حڪم ڪري ڇڏيو آهي ۽ اهڙن حڪمن بعد ان اهلڪارن کي سزا ڏني وئي آهي.

بقايا 03 سنڌيار

احتجاج ڪندي چيو تہ اسان جي ڳوٺ ۾ ٽن ڌرين جو زمين تڪرار هلندڙ آهي ڏهن ڏينهن کان وٺي 24 ڪلاڪ فائرنگ جو سلسلو جاري آهي . ان فائرنگ جي نتيجي ۾ اسان جي ڳوٺ جو امن امان خراب ٿي رهيو آهي، ضلع انتظاميہ بہ اجاتائين تحرڪ نہ ورتو آهي. گذريل رات 10 بجي فائرنگ ٿي فائرنگ ۾ منهنجو پٽ 6 ڪلاس جو شاگرد مستجاب حيدر سمون کي ستل گولي لڳي جنهن کي نازڪ حالت ۾ ڪراچي روانو ويو آهي، اسان آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي حيدرآباد، سپريم ڪورٽ آف پاڪستان، ايس پي سڄاول وزيراعليٰ سنڌ کي اپيل ٿا ڪريون تہ مهرباني ڪري هن معاملي جي انڪوائري جانچ ڪرائي اسان سان انصاف ڪيو وڃي ۽ اسان جي ڳوٺ ۾ امن امان قائم ڪيو وڃي تہ جيئن اسان ڳوٺاڻا سک جو ساهہ کڻي سگهون.

بقايا 04 سنڌيار

بہ پاڪ فوج سان يڪجهتي ۽ حمايت جي اظهار لاءِ آل پاڪستان انجمن تاجران سکر سنڌ پاران پاڪ فوج زنده آباد (پاڪ فوج زنده آباد) ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ شرڪت ڪندڙن هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ بينر کنيا هئا. ريلي جي اڳواڻي آل پاڪستان انجمن تاجران سنڌ جي نائب صدر جنيد شيخ ڪئي، جڏهن تہ ٻين اڳواڻن ۾ صابر ڪپتان عرف پپا، ظهير پٽي، شبير ميمڻ ۽ مختلف تاجر تنظيمن جا اڳواڻ شبير ميمڻ ۽ ٻيا شامل هئا. ان موقعي تي اڳواڻن چيو تہ پاڪ فوج اسان جو شان آهي، پوري قوم پاڪ فوج سان گڏ بيٺي آهي، پاڪ فوج خلاف ڪنهن بہ قسم جي سازش کي ڪامياب ٿيڻ نہ ڏنو ويندو، انهن جي قربانين کي وساري نہ ٿو سگهجي. هن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو تہ پاڪ فوج ۽ ٻين سيڪيورٽي ادارن خلاف سازشون ڪندڙ عناصرن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا 05 سنڌيار

نہ هئڻ سبب لاش کي پوسٽ مارٽم لاءِ ڪنڊيارو اسپتال منتقل ڪيو ويو. ٻڌايو پيو وڃي تہ مقتولا جو پوسٽ مارٽم ٿيڻ بعد سندس مڙهہ کي خيرپور ۾ اباڻي گهر نيو ويو، جو ٻول آهن تہ گهرا اٿيٽ تان واقعو پيش آيو ۽ جوابدار زال کي قتل ڪرڻ بعد پاڻ ٿاڻي تي پيش ٿيو آهي. هوڏانهن ٿاڻي جي وڏي منشي فقير برڪت سولنگيءَ ٻڌايو تہ زال مڙس ۾ جهيڙي سبب ذوالفقار نوناريءَ سال اڳ پنهنجي گهر واري کي خيرپور مائٽن ۾ ڇڏي آيو هو سندس گهر واري پنهنجي مرضيءَ سان واپس موٽي آئي هئي، جنهن سبب اهو واقعو پيش آيو آهي. پوليس موجب مذڪوره جوابدار کي حراست ۾ وٺي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي. وڌيڪ جنهن وقت بہ مقتولا جا وارث ايندا تہ ڪيس پڻ داخل ڪيو ويندو.

بقايا 06 سنڌيار

جي تعمير بعد سابق صوبائي وزير ٽرانسپورٽ سنڌ سيد اويس قادر شاهہ ضرورت مندن کي گهرن جون چاٻيون ڏنيون. ان موقعي تي سي سي او امپاورمنٽ فائونڊيشن پرويز سولنگي ايم پي اي سيد اويس قادر شاهہ کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو تہ 60 گهرن سوين هيند پمپن ۽ ڳوٺ محمد علي شاهہ فلٽر پلانٽ لڳايو آهي ۽ مريم ماڊل اسڪول ناهيو آهي. ان موقعي تي تقريب کي سيد اويس قادر شاهہ خطاب ڪندي چيو تہ سنڌ حڪومت جي سهڪار سان گذريل سال ٻوڏ سبب جيڪي تباهڪاريون آيون هيون انهن متاثرين جي گهرن جي بحالي جي لاءِ سماجي تنظيمن سان گڏجي تباهہ حال گهرن جي بحالي وارو ڪم تيزي سان جاري آهي. پهرين مرحلي ۾ پنهنجي تڪ پي ايس 23 تعلقا روهڙي ۽ صالح پٽ تعلقن ۾ سوين گهر مڪمل طور تباهہ ٿي ويا هئا جن گهرن جي سنڌ حڪومت سروي ڪرائي هئي. جن گهرن جي تعمير جو ڪم شروع ٿي چڪو آهي. انڊس امپاورمنٽ فائونڊيشن جي سهڪار سان تعلقي روهڙي ۾ 13 هائوسنگ اسڪيم ڳوٺ محمد شاهہ ۽ ڳوٺ ڪلري ۾ 20 هائوس اسڪيم ناهيون ويون آهن جڏهن تہ باقين تي ڪم هلندڙ آهي. صالح پٽ ۾ انڊس امپاورمنٽ فائونڊيشن جي سهڪار سان يونين ڪائونسل اڪبر پورهہ مڊل مريم ماڊل اسڪول ڳوٺ محمد شاهہ آر او پلانٽ لڳايو جن جو افتتاح ڪندي خوشي ٿي رهي آهي. اسڪول ۾ 300 کان وڌيڪ شاگرديائيون ۽ شاگرد تعليم حاصل ڪندا. هن وڌيڪ چيو تہ جتي بہ قدرتي آفتن سبب تباهي ٿي آهي سنڌ حڪومت انهن متاثر علائقن جو ازالو ڪيو آهي. سوين ڳوٺن ۾ هيند پمپ بہ لڳي چڪا آهن.

بقايا 07 سنڌيار

شيخ، عبدالرشيد قريشي، عبدالرحمان عباسي، وحيد لاشاري ۽ ٻين شرڪت ڪئي. ان موقعي تي لالا عابد ڪوڪر چيو تہ واپاري ملڪ جي معيشت جي ترقي ۾ ريڙهہ جي هڏي جي حيثيت رکن ٿا. اهي ڏينهن رات محنت ڪري رهيا آهن. تنين واپارين جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ بحيثيت يونين جي صدر ۾ غريب آباد جي سمورن واپارين سان گڏ بيٺو آهي ۽ مارڪيٽ جا مسئلا حل ڪري ٿو. چاهي ٽيڪس جو مسئلو هجي، امن امان جو مسئلو هجي يا صفائي جو مسئلو هجي، انهن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪرڻ لاءِ پنهنجون توانائيون خرچ ڪيون آهن. جيڪي نامزدگيون ڪيون ويون آهن ان کي پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس. سکر اسان جو شهر آهي. ان جي سمورن واپارين جي مسئلن جي حل لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندس.

بقايا 08 سنڌيار

قريشي مريضن جو مفت چيڪپ ڪيو ۽ ڪين مفت دوايون پڻ ڏنيون آس پاس جي آيل مريضن لاءِ ٿڌي پاڻي جو احتمام پڻ ڪيو ويو ڪيمپ صبح 10 کان شام 3 بجي تائين هلي جنهن ۾ تقريبن 300+ مريضن جو چيڪپ ڪيو ويو محمدي ميڊيڪل ڪامپليڪس جي انهي عمل کي مورو ۽ آس پاس جي عوام پڻ ساراهيو انهي موقعي تي مريضن چيوت محمدي ميڊيڪل ڪامپليڪس مورو شهر اندر هڪ بهترين علاج جو سينٽر قايم ڪيو ويو آهي اڳ ۾ اسان کي علاج لاءِ حيدرآباد ڪراچي نوابشاهہ وڃڻو پوندو هو پر محمدي ميڊيڪل سينٽر جي قايم ٿيڻ بعد اسان کي بهتر علاج مهيا ڪيو ويو آهي خاص ڪري غريب عوام لاءِ سٺا پيڪج ڏنا ويا آهن مفت ڪيمپ دوران غريب مارويڻ محمدي ميڊيڪل سينٽر جي اونر محمد يعقوب ترڪ ۽ سڄي عملي لاءِ دعائون پڻ ڪيون

بقايا 09 سنڌيار

راءِ، تيرت ميگهواڙ، ڌرمداس ميگهواڙ، هرسنگهہ ميگهواڙ، سنگهار، محمد بجير، حنيف، شوڪت

بجير ۽ ٻين پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن چيو تہ پ پ قيادت عوامي راءِ کي نظرانداز ڪري مخصوص سيٽ تي ايندڙ من پسند ۽ تڪراري ماڻهو کي وائيس چيئرمني لاءِ مقرر ڪيو آهي، جيڪو اسان کي ڪنهن بہ صورت ۾ قبول ناهي، هنن چيو تہ انيل عرف لالاجيت ميگهواڙ وائيس چيئرمني طور قبول ناهي هي ماڻهو اڳ ۾ برادري کي توڙي الڳ الڳ ڪرڻ ۾ ملوث آهي، انهي ڪري پ پ قيادت ڪيل فيصلي تي نظرثاني ڪري ۽ ووٽرن جيالن کان راءِ وٺي جنهن بعد ڪوحتمي فيصلو ڪيو وڃي اسان چيئرمين بلاول ڀٽو ميڊم فريال ٽالپر، نثار کهڙو سميت ٽر جي چونڊيل نمائندن کان مطالبو ڪيون ٿا تہ لجيت ميگهواڙ کي وائيس چيئرمني تان واپس هٽائي عوامي راءِ کي اهميت ڏيئي پارٽي جي جمهوري روايت کي برقرار رکيو وڃي، هوڏانهن ذريعن موجب نائب چيئرمني واري فيصلي تي ڪجهہ چونڊيل ڪائونسلر پڻ ناراض آهن جيڪي پڻ ميگهواڙ ۽ بجير برادري جي هن احتجاج جي پردي پويان حمايتي بڻيل آهن.

بقايا 10 سنڌيار

حضرت مولانا عمر جان سرهندي ۽ مولانا محمد حنيف عباسي جي سربراهي ۾ 30 کان وڌيڪ هندو خاندانن جي تقريبن 200 جي لڳ ڀڳ غير مسلم ماڻهن ڪلمون حق پڙهي مسلمان بنجي ويا. مذهبي پروگرام کي آرگنائيز ڪندڙ مولانا ڏتي ڏنو جاکرو، مولانا خدا بخش موڙهو، غلام مرتضيٰ سومرو، مولانا منظور لغاري، عبدالله شيخ، حافظ اعجاز سومرو، اختر ڪچي، عزيز جان سولنگي ۽ ٻين پاران ٽينٽ لڳائي سمورن غير مسلم ماڻهن کي گڏ ڪري تقريب شروع ڪئي. ان موقعي تي اسلام جي دائري ۾ آيل سمورن ماڻهن کي ڪلمو حق پڙهائي ڪين رهائش، کاڌي پيتي جو مڪمل سامان مهيا ڪيو ويو ان موقعي تي علماءِ ڪرامن طرفان اسلام قبول ڪندڙ سمورن ماڻهن کي مبارڪباد ڏيندي سندن ڀرپور مالي سهائتا ڪرڻ سميت ڪين مڪمل اسلامي تربيت ڏيڻ جو اعلان.

بقايا 11 سنڌيار

بلڊر پاران رهائشي منصوبي جي تحفظ تعمير ڪرايل ديوار توڙي ڳوٺ جو لنگهہ ناهڻ واري عمل کان روڪڻ تي ٻرڙا ذات سان تعلق رکندڙ ڪجهہ ماڻهن هٿيار ڪهاڙيون، ڏنڊا سان ڪري حملو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ نازيبا ٻولي استعمال ڪندي موٽمار ڌمڪيون پڻ ڏنيون ڊاڪٽر عابد مظهر صحافين کي واقعي بابت ٻڌايو تہ آئون ڪجهہ سالن کان پنهنجي فيملي سان فيضان ستي ۾ رهان ٿو گهر اڳيان ٻاهران ماڻهن جي روڪ لاءِ بلڊر پاران ديوار جوڙيل آهي جنهن کي توڙڻ لاءِ عبدالله گبول جا رهواسي ماڻهو جيڪي ٻرڙا برادري تعلق رکن ٿا آيا جن کي آئون منع ڪيو تہ منهنجو ديوار پرسان گهر آهي ان ڪري هتان ديوار توڙي غيرقانوني لنگهہ نہ ناهيو چاڪاڻ تہ ديوار توڙي رستو ناهڻ ٻين علائقن جا ڌوهاري ماڻهو گذر ڪن ٿا ۽ سڪيورٽي جو مسئلو بہ پيدا ٿئي ٿو جنهن تي جوابدار هٿيار ڪڍي آيا ۽ گهٽ وڌ ڳالهائي ڌمڪيون ڏنيون تہ جيڪڏهن تو منع ڪيو تہ توکي ۽ خاندان کي ماري ڇڏينداسين ڌمڪين بعد آئون خاندان سميت عدم تحفظ جو شڪار ٿي ويو آهيان جنهن ڪري ڌوهارين مان جان ڇڏائي وڃي آئون اي آئي جي ڪراچي، ايس ايس پي اولهہ کان گهر ڪريان ٿو تہ ديوار توڙي ڌمڪيون ڏيندڙ جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 12 سنڌيار

ڪيو ويو ورڪشاپ جي صدارت پروفيسر ڊاڪٽر تاج محمد لاشاري ڊين فيڪلٽي آف سوشل سائنسز ڪئي، ان موقعي تي خطاب ڪندي پروفيسر ڊاڪٽر تاج محمد لاشاري چيو تہ ذهني دٻاءُ کي گهٽائڻ لاءِ اسان کي اسلامي حڪمن موجب سادي زندگي گذارڻ گهرجي. جڏهن اسان وٽ آسائشن بدران محدود عزائم هوندا تہ ذهني دٻاءُ گهٽجي ويندو. هن چيو تہ ميڊيڪل سائنس ۾ ذهني صحت جي تمام گهڻي اهميت آهي. هن تجويز ڏني تہ نوجوانن کي ذهني صحت بابت آگاهي ڏيڻ لاءِ ڪاليج ۽ يونيورسٽي سطح تي ذهني صحت ۽ ذهني دٻاءُ جو مضمون متعارف ڪرايو وڃي. ڊاڪٽر تاج محمد لاشاري وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر خليل احمد ابوپوٽو کي ڪيمپس ۾ تربيت جي صحتمند ڪلچر کي هٿي ڏيڻ تي ساراهيو غلام محمد مهر ميڊيڪل ڪاليج سکر جو ڊاڪٽر غلام رسول رند ۽ شهيد محترمہ بينظير ڀٽو ميڊيڪل يونيورسٽي لاڙڪاڻو جو ڊاڪٽر رحمت علي وڳڻ ورڪشاپ جا ريسورس پرسن هئا. هن چيو تہ دٻاءُ هڪ نفسياتي عدم توازن جي حالت آهي. هن چيو تہ ذهني دٻاءُ ماڻهن جي رويي تي منفي اثر وجهندو آهي. هن نوجوانن کي صلاح ڏني تہ هو صحتمند خوراڪ جي عادت اختيار ڪن. ان کان علاوه راندين جي سرگرمين جهڙوڪ گهمڻ ڦرڻ، ورزش ڪرڻ ۽ پنهنجي مذهب تي عمل ڪرڻ ذهني دٻاءُ کي گهٽائڻ ۾ مدد ملي ٿي. ان کان علاوه نوجوان منشيات جي عادت، آئس ۽ سگريٽ ڇڪڻ کان پاسو ڪن ۽ صحتمند سرگرمين ۾ حصو وٺن هوپ فار آل جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر رابعہ مرزا يونيورسٽي جي مهمان نوازي کي ساراهيو هن چيو تہ اسان جوادارو نوجوانن جي بهتري لاءِ ڪم ڪري رهيو آهي. اسان کي ذهني دٻاءُ تي ضابطو آڻڻ ۽ صحتمند ذهني صحت لاءِ قدم کڻڻا پوندا. رابعہ مرزا وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر خليل احمد ابوپوٽو کي ڪيمپس ۾ بهترين تربيتي ماحول فراهم ڪرڻ تي ساراهيو ۽ ورڪشاپ جي انعقاد ۾ غير مشروط سهڪار تي ڊاڪٽر علي رضا لاشاري جو بہ شڪريو ادا ڪيو ورڪشاپ ۾ اسٽيج سيڪريٽري جا فرائجض اسٽوڊنٽس سوسائٽي سينٽر جي انچارج ڊاڪٽر علي رضا لاشاري سرانجام ڏنا. ورڪشاپ ۾ طارق بن عمر، سيد طارق حسين شاهہ، سائره بانو چانڊيو، سعديہ لاڙڪ، تاج محمود رند، محمد هاشم پٽي ۽ شاگردن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي.

بقايا 13 سنڌيار

جو اولاد آهي ڪجهہ ڏينهن کي مزدوري نہ لڳڻ سبب گهر ۾ فاڪاڪشي وارو ماحول آهي ۽ معصوم ٻارڙا بکون ڪاٽڻ تي مجبور هئا جنهن تان منهنجي گهرواري دل برداشتہ ٿي گهر اندر پکي ۾ ڦاهو ڪائي خودڪشي ڪري ڇڏي جڏهن تہ ڳوٺ اندر ناري کي قتل ڪرڻ جا چوپول پڻ هلندڙ آهن پٽي طرف سندس گهر ۾ ڪهرام متل آهي معصوم ٻارڙا سندس لاش کي ڏسي ڏانهون ڪري رهيا آهن سندس وارثن کي بيهوشي جا دورا پئجي رهيا هئا.

بقايا 14 سنڌيار

اسپتال منتقل ڪيو جتي سمورين قانوني گهرجون پوريون ڪيون پيون وڃن، ان موقعي تي مقتول جي پيءُ جاويد علي ڏهر جو چوڻ هو تہ منهنجي پيءُ مظهر علي عرف رضا محمد ڏهر کي سندس سالن نياز زاهد، رياض ڏهر وارن هلان ڪري زرعي زمين تي ماريو آهي، هن چيو تہ منهنجي پيءُ جي قتل ۾ ملوث جوابدار کي گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي. جڏهن تہ ايس ايڇ او بياس علي سولنگي جو چوڻ آهي تہ اسان واقعي جي جاچ ڪري رهيا آهيون. جيڪو بہ ملوث هوندو ان کي قانون جي ڪٺهڙي ۾ آڻي قانون موجب سخت سزا ڏني ويندي جڏهن تہ لاش جو سموريون گهرجون پوريون ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويندو واقعي بعد آس پاس جي علائقي ۾ خوف جي فضا پڻ ڇانيل جڏهن تہ مقتول جي ڳوٺ ۾ سوڳوار ماحول آهي.

بقايا 15 سنڌيار

سميت ڪيترن ئي علائقن اندر گيس جي پريشر گهٽ هئڻ ۽ اڻ اعلانيل بندش ڪري ڇڏي آهي جنهن سبب شهري گهريلو گيس جي بندش سبب سخت پريشانين سان منهن ڏئي رهيا آهن مختلف علائقن جا رهواسي اڻ اعلانيل گيس جي لوڊ شيڊنگ بندش سبب صبح جي وقت اسڪول ويندي ٻارڙن يا نوڪري پيشا ماڻهون آفيس ويندي ناشتي بغير روانا ٿي وڃن ٿا ان سان گڏو گڏ تنين ڪاروباري مرڪز وارا ماڻهون ب پريشان آهن گيس جي فراهمي ۽ اڻ اعلانيل لوڊ شيڊنگ گهٽ پريشر ماڻهن جو متيون منجهائي ڇڏيون آهن گيس ڪمپني ب خاموش تماشائي بڻيل آهي.

بقايا 16 سنڌيار

پاڪ فوج زنده آباد پاڪستان زنده آباد جا نعرا لڳايا ۽ پاڪ فوج سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو

پاڪ فوج جي حمايت ۾ ب پ اڳواڻن ۽ شهرين جي نڪتل ريلي گڏو ڪان ٽيندي ڪشمور پريس ڪلب وٽ پهتي جتي ريلي ۾ شريڪ هزارين شهرين هٿن ۾ پاڪستان جو قومي پرچم ۽ پاڪ فوج جا پلي ڪارڊ کڻي پاڪ فوج سان هڏي جو اظهار ڪندي ميڊيا سان ڳالهائيندي شهرين جو چوڻ هو تہ پاڪ فوج خلاف ٿيندڙ هر سازش ناڪام بڻائي ويندي پاڪ فوج سان ڪلهو ڪلهي سان ملائي بيٺل آهيون 9 مائي تي پاڪ فوج جي ادارن تي حملاءَ شهيدن جي تصويرن جي بيحرمتي انتهائي دل ڏکائيندڙ واقعو هو قانون لاڳو ڪندڙ ادارا ملوث دهشتگردن خلاف ڪارروائي ڪن

بقايا 17 سنڌيار

پيپلز پارٽي جي پوري سگهہ ۽ طاقت باوجود ميرپور ساڪرو شهر جي ٽائون ڪميٽي تان آزاد گروپ طور اليڪشن ۾ ڪاميابي ماڻڻ ڪان پوءِ آزاد گروپ کي ڇڏي پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿيندڙ ڪائونسلر عزيز ڪتي پيپلز پارٽي سان ناراضگي بعد ڪائونسلر جي سيٽ تان استعيفا ڏيڻ ڪانپوءِ پاڪستان ڇڏي ويو تفصيلن مطابق ميرپور ساڪرو ٽائون ڪميٽي جي بلدياتي اليڪشن ۾ چونڊيل آزاد ڪائونسلر عبدالعزيز ڪتي اوچتو پيپلزپارٽي ڪان ناراض ٿي ڪائونسلر جي سيٽ تان استعفيٰ ڏئي ٻاهرين ملڪ روانو ٿي ويو. جنهن ڪانپوءِ چيئرمين وائيس چيئرمين جي چونڊ رولڙي جوشڪار ٿي وئي ساڪرو ۾ سياسي وايومنڊل تبديل ٿي ويو آهي ڪائونسلر عزيز ڪتي چيو آهي تہ ب پ منهنجي عزت نہ ڪئي تنهن ڪري پنهنجي ڪائونسلر جي سيٽ تان استعيفا ڏيان ٿو ياد رهي تہ بلدياتي اليڪشن دوران ب پ جي اڳوڻي اڳواڻ ۽ سابق چيئرمين اقبال خاصخيلي پاران پيپلز پارٽي ڪان ناراض ٿي آزاد گروپ جوڙي آزاد حيثيت ۾ اليڪشن ڪتي ٿي ضلعي جي سياست ۾ هڪ وڏو اپ سيٽ ڏنو هو جنهن ۾ سندس گروپ تان آزاد اميدوار طور ڪائونسلر جي اليڪشن ۾ ڪاميابي ماڻيندڙ عزيز ڪتي پيپلز پارٽي ضلعي ٺٽي پاران دٻاءَ پوڻ ڪانپوءِ پي ايس 78 گهوڙاباري تان چونڊيل ايم پي اي علي حسن زرداري سان ملاقات ڪري پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان ڪيو هو پر گذريل رات اوچتو پيپلز پارٽي سميت ڪائونسلر جي سيٽ تان پڻ استعيفا ڏيڻ جو اعلان ڪرڻ ڪانپوءِ ملڪ ڇڏي هلي ويو عزيز ڪتي پاران استعيفا ڪانپوءِ ميرپور ساڪرو شهر جي ٽائون ڪميٽي جي چيئرمن شپ رولڙي جوشڪار ٿي وئي آهي جنهن ڪانپوءِ ميرپور ساڪرو جي سياست ۾ هڪ نئون موڙ اچي چڪو آهي

بقايا 18 سنڌيار

ڪورائي محمد حسن زرداري ماجد قل ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا ان موقعي تي اڳواڻن چيو تہ گذريل رات قل ريگيوليٽر تي ويگو تي سوار هٿيار بند زميندار فرحان علي ڏاهري ڊرائيور مبين ابڙو عبدالحفيظ ڏاهري سڪندر وڳڻ ۽ پنج نامعلوم جوابدار هٿيارن جي زور تي گيج کان وڌيڪ زبردستي ريگيوليٽر کولي رهيا هئا تہ اتي موجود ايريگيشن جي ملازم وسيم خان مشوري آئين ڪرڻ کان روڪيو ۽ چيو گيج کان وڌيڪ پاڻي کولڻ سان ڳوٺ ٻڏندا ۽ وڏو نقصان ٿيندو جنهن تي هٿياربندن ملازم کي بدترين تشدد جو نشانو بڻائي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ٻين ملازمن جي اچڻ تي هٿياربند ملازم کي موٽمار ڌمڪيون ڏيندا ڏوڙائا ٿي ويا هنن چيو تہ اهڙي شڪايت ڪئي اسان قل ٿاڻي تي ويا سين تہ هنن حد نہ هجڻ جو جواز ڄاڻي اسان جو ڪيس داخل نہ ڪيو ان ڪان پوءِ اسان نوشهروفيروز ٿاڻي تي آياسين جتي پوليس وارن اسان کي چيو تہ جيستائين ايس ايڇ او حنيف مهر اسان کي حڪم نہ ڪندو اسان ڪيس داخل نہ ڪنداسين اسان ڪيترائي ڪلاڪ ٿاڻي اڳيان بيٺا رهياسين پر اسان جوهن مهل تائين ڪيس داخل نہ ڪيو ويو آهي اڳواڻن جو چوڻ هو تہ نوشهروفيروز پوليس ايريگيشن جي ملازمن کي تحفظ ڏيڻ بجاءِ بااثر دهشتگرد زميندار ۽ ان جي وانن جي ونگارو بڻجي چڪي آهي ملازمن آءِ جي سنڌ ۽ ٻين اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو تہ پوتارن جي ونگارو بڻيل ڪرپٽ پوليس ايس ايڇ او حنيف مهر خلاف ڪارروائي ڪري ملازم جو ڪيس داخل ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ سڄي سنڌ اندر ايريگيشن جا ملازم سراپا احتجاج بڻجي پوندا

بقايا 19 سنڌيار

ڪي گيس جي فراهمي ڪري نہ سگهيا صبح جي وقت، منجهند ۽ رات جي وقت گيس جي لوڊشيڊنگ برقرار عوام پريشان مسلسل پنج مهنن کان هلندڙ گيس جي لوڊشيڊنگ کي سوئي سدرن گيس انتظاميا ختم نہ ڪري سگهي ڪراچي جي علائقن لاسي ڳوٺ - ايوب ڳوٺ ،شانتي نگر، بالميا، گلشن اقبال - سهراب ڳوٺ - گلزار هجري - سچل ڳوٺ سميت ڪيترائي علائقي سوئي گيس جي لوڊشيڊنگ هيٺ آهن انتظاميا جي اهڙي ناهلي تي عوام بڻي غذاب ۾ مبتلا آهن سندس گيس جي لوڊشيڊنگ کي فوري ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا 20 سنڌيار

خلاف تحريڪ جو اعلان سنڌ هاءِ ڪورٽ جي منع باوجود ملير ندي ڪارندي سکڻ ندي جرندو ندي سکڻ ندي لٽ ندي ڪرمتائي ندي سميت ٻرپاسي مان ڏينهن رات ريتي بجري چوري شروع ٿي وئي گڏاپ ڪائونڊ شاهہ لطيف آچار سالار ڳوٺ پير سرهندي ميمڻ ڳوٺ سميت مختلف علائقن مان منرل مائنز ڊپارٽمينٽ ۽ پوليس جي سرپرستي ۾ ريتي بجري مافيا تباهي ڪري رهي آهي آبادگار محمد صديق بلوچ ريتي بجري چوري سبب زمينون بنجر بڻجي ويون آهن جر جي سطح هيٺ لهي وئي آهي عوام ۽ چوپائي مال لاءِ پيئڻ جو پاڻي اڻلڀ ٿي ويو آهي آبادگارن جون ڳالهيون جرجو پاڻيءَ هيٺ وڃڻ سبب سبزيون سڙي رهيون آهن ميون جا باغ تباهہ ٿي رهيا آهن فوري طور تي ريتي بجري چوري روڪرائي وڃي آبادگارن جون ڳالهيون جيڪڏهن ريتي بجري چوري بند نہ ٿي تہ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو آبادگارن جو اعلان.

بقايا 21 سنڌيار

توازن وڃائي ويٺي. ڪنوار رفيعہ چانڊيو جي والد ۽ والده جو معصوم ٻارڙن سميت ڪلار پاڪ ڪتي احتجاج، تشدد ڪندڙ مڙس ساهوريجن خلاف ڪارروائي جو مطالبو :خبرموجب. سکر جي مائڪرو ڪالوني جي رهواسي منٺار چانڊيو پنهنجي گهرواري ۽ معصوم ٻارڙن سان گڏ ڪلار پاڪ ڪتي سکر پريس ڪلب آڏو ڏاريجا برادري خلاف احتجاج ڪندي چيو تہ هفتا اڳ پنهنجي نياڻي رفيعہ چانڊيو جي شادي گلشن ڏاريجو سان ڪرائي هئي جنهن بعد مڙس ۽ ساهوريجن ڌيءُ کي سخت تشدد ڪري مرڇينگ بڻائي ڇڏيو، تشدد سبب نياڻي جو ذهني توازن وڃائجي ويو جنهن کي سول اسپتال بعد حرا اسپتال ۽ ٻين اسپتالن ۾ داخل ڪرايو آهي اهي پر هن مهل تائين نياڻي جي حالت نہ سڌري آهي التو مڙس ۽ ساهورا مون خلاف پوليس معرفت حراسان ڪري رهيا آهن سکر جي نيو پنڊ پوليس ظالم مڙس خلاف ڪارروائي ڪرڻ بجاءِ مونکي حراسان ڪري رهي آهي نياڻي جي حالت ڳڻتي جوڳي هجڻ سبب سخت پريشان آهيون هن وزيراعلي سنڌ، آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي سکر ۽ ايس ايس پي سکر سميت وسوارن کان مطالبو ڪيو تہ نياڻي مٿان تشدد ڪندڙ مڙس ۽ ٻين خلاف ڪارروائي ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 22 سنڌيار

سان گڏ آيل ايڊووڪيٽ مظفر ڏهراج ميڊيا کي ٻڌايو تہ با اثرن مولابخش پيرزادو، سجاد ۽ مور پيرزادو وارن هٿيارن سان حملو ڪري اسان جا نوجوان زخمي ڪيا آهن هن ٻڌايو تہ ڪورٽ جي آرڊر تي پوليس پڪٽ قائم نہ ٿي سگهي پوليس با اثرن جي ونگاروهي رهي آهي زمين اسان جي آهي جنهن جا ڪاغذ اسان وٽ موجود آهن پٽي پاسي پوليس ٻڌايو تہ ڌرين ۾ زمين جي معاملي تان پراڻو تڪرار هلندڙ آهي وڌيڪ جاچ جاري آهي

بقايا 23 سنڌيار

لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي، ڪيس داخل نہ ٿيو، خبرموجب، خانپورمهر ويجهو ڳوٺ ڪمال خان گبول واسي علائقي جي چڱي مڙس گامڻ خان گبول جي سڳوٽ مولابخش گبول کي مبينا طور نامعلوم هٿياربند قتل ڪرڻ بعد لاش ڳوٺ ٻاهران اڇلائي ويا، سندس لاش ڳوٺ ٻاهران ڪمند جي فصل سان مليو واقعي جي اطلاع ملڻ تي خانپورمهر پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش ڪٽائي شيخ همدان بن محمد

اسپتال آندو جتهن بعد پوليس پاران جوابدارن جو پتو لڳائڻ لاءِ لاڙڪاڻي کان فرانزڪ ليبارٽري جي ٽيم گهرائي وئي، فرانزڪ ٽيم پهچي لاش جي جسم تان فنگر پرنٽس وٺي رواني ٿي وئي، ان حوالي سان وارثن جو چوڻ آهي تہ نامعلوم جوابدار نوجوان کي قتل ڪري لاش اڇلائي فرار ويا آهن، نوجوان رات جو گهران نڪري ويو هو جنهن جو صبح جو گولي لڳل لاش مليو آهي، پوليس موجب واقعي جي جاچ ڪئي پئي وڃي، هوڏانهن پوسٽ مارٽم بعد لاش وارثن حوالي ڪيو، جڏهن مڙهہ گهر پهچڻ تي وارثن ۾ ڪهرام مچي ويو آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪوبہ ڪيس داخل نہ ٿي سگهيو هو..

بقايا 24 سنڌيار

ٿاڻي جي حد ۾ منشيات فروشن خلاف ڪارروائي ڪري انهن وٽان گٽڪو سميت پٽي منشيات هٿ ڪئي هئي خبرموجب آءِ جي سنڌ پاران منشيات فروشن خلاف اثرائتي ڪارروائي ڪرڻ لاءِ صوبائي سطح تي جوڙيل ٽاسڪ فورس جي اهلڪارن جي سفارش آءِ جي سنڌ منشيات فروشن سان ملوث هجڻ جي الزام ۾ ايس ايڇ او سچل راجا تنوير هيڊ ڪانسٽيبل نواب جکراڻي ڪانسٽيبل نواب ڪوڪر ۽ جاويد کي معطل ڪري پوليس هيڊ ڪوارٽر گارڊن سائوٿ زون رپورٽ ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي ياد رهي تہ سچل ٿاڻي جي حد اندر پوليس سرپرستي ۾ منشيات جي سر عام وڪري خلاف سياسي سماجي تنظيمن طرفان احتجاج پڻ ڪيا ويا هئا جڏهن تہ ٻہ ڏينهن اڳ ٽاسڪ فورس جي اهلڪارن سچل ٿاڻي جي حد ۾ منشيات فروشن خلاف ڪارروائي ڪري انهن وٽان گٽڪو سميت وڏي مقدار ۾ منشيات پڻ هٿ ڪئي هئي جنهن بعد آءِ جي سنڌ ٽاسڪ فورس جي اهلڪار جي سفارش تي ايس ايڇ او سچل ڳوٺ راجا تنوير سميت ڇهن اهلڪارن کي معطل ڪري انهن جون پگهارون ۽ ٻيا الائونس انڪواري مڪمل ٿيڻ بعد بند ڪرڻ جو پڻ حڪم جاري ڪري ڇڏيو آهي

بقايا 25 سنڌيار

ڏينهن شام جي وقت ٺٽي جي شاهي بازار جي آخري چوڪ شيخ فريد چوڪ لڳ بدنام زمانا منشيات فروش ۽ ڪيترن ئي ڪيسن ۾ چالان ٿيل ڌوهاري شاهو بروهي پاران برگر وڪڻي پنهنجن ٻچن جو پيٽ گذر ڪندڙ پورهيت جميل احمد عباسي مٿان اوچتو حملو ڪري ڏنو پورهيت جميل عباسي پاران پنهنجي جان بچائڻ لاءِ ڀڄندي سندس گهر پرسان اوطاق جي ڪمري ۾ دروازو بند ڪري لڪي پنهنجي جان بچائڻ جي ڪوشش ڪئي جڏهن تہ پورهيت جي پويان لڳل ڌوهاري شاهو بروهي سندس سائين سميت اوطاق اندر داخل ٿي ڪمري جو در ڀڃي ڪيس چاڪو ڏنڊن ۽ هٿوڙي جا وار ڪري سخت زخمي ڇڏيو جڏهن تہ اوطاق تي موجود سندس ڀاءُ جاويد عباسي ۽ ٻين پورهيت جميل عباسي کي ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن تي جوابدارن ڏنڊو هٿي سندس ننڍي ڀاءُ جاويد عباسي کي پڻ زخمي ڪري ڇڏيو رڙين ۽ دانهن ڪانپوءِ پاڙي جي ماڻهن جي پهچڻ تي حملي ڪندڙ ڌوهاري ڌمڪيون ڏيندا ڀڄي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا، پاڻهي موقعي تي متاثرن ۽ پاڙي وارن پاران پوليس کي اطلاع ڏيڻ ڪانپوءِ پوليس پوسٽ ٺٽو جي منشي بروقت پهچي تفصيل ورت جنهن ڪانپوءِ زخمي پورهيت جميل احمد عباسي جي شڪايت تي پوليس حملو ڪندڙ ڌوهارين سهيل بريچو، شاهو بروهي، شاهد عرف چي چي ناهيو ۽ ٻن نامعلومن خلاف ڪيس داخل ڪري زخمين کي ميڊيڪل ليٽر جاري ڪري ڇڏيا، جڏهن تہ پوليس پاران جاچ جو عمل شروع ٿي ويو آهي، ٻئي پاسي هيل تائين ڪنهن بہ ڌوهاري جي گرفتاري عمل ۾ نہ اچي سگهي آهي، انهي موقعي تي صحافين سان ڳالهائيندي متاثر پورهيت جميل احمد، جاويد عباسي ايس ايس پي ٺٽو کان انصاف جي گهر ڪندي ملزمن جي گرفتاري جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا 26 سنڌيار

اسڪول ۽ ڪاليج ايسوسي ايشن جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري عالم شير اعوان رانا افضل رانا اويس سيد محب الله شاهہ حسن تگڙو ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي مير نادر علي ابڙو لاءِ وڏي عمر جي لاءِ دعا گهري وئي ۽ سندس سماجي خدمتن کي ساراهيو ويو بعد سالگره جو ڪيڪ پڻ ڪاٽيو ويو

بقايا 27 سنڌيار

روزانو وڌي رهيو آهي جنهن جو سڀ کان وڏو سبب معاشي بدحالي، بک ـ بدحالي ۽ پاڻي جي کوٽ ٻڌايو ويو جي پر افسوس ضلعي ٺٽي مان چونڊيل نمائندن پاران انهي سلسلي ۾ اڄ تائين ڪي بہ اپاءَ ناهن ورتا ويا جڏهن تہ ضلعي انتظاميا پڻ انهي ڏس ۾ خاموش تماشائي بڻيل جڏهن هيستائين تقريبن 60 ماڻهو پاڻ کي پاڻمرادو ماري چڪا آهن جڏهن تہ سرڪاري سطح تي ايتري تعداد ۾ ماڻهن پاران ڪيل خدڪشين کي ڪجهہ ڏينهن پهرين ب پ ب ضلعي ٺٽي جي صدر ۽ وڏي وزير جي خاص معاون پاران ڪيل خدڪشين تي هڪ وڊيو بيان ۾ رد ڪري چڪو آهي پر افسوس نہ تہ ضلعي انتظاميا پاران ۽ نہ ئي چونڊيل نمائندن ۽ سنڌ سرڪار پاران انهي معاملي جي انڪوائري ڪئي وئي آهي نہ ئي جي عوام پاران ساحلي پٽي جي عوام پاران وڌندڙ خدڪشين تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو آهي تہ هن هيڏي وڏي مسئلي تي سنڌ سرڪار پاران ڪي جوڳا قدم نہ کنيا ويا تہ اهڙو سلسلو ضلعي جي ٻين حصن تائين وڌي سگهي ٿو ياد رهي تہ ضلعي ٺٽي جي ساحلي پٽي مان چونڊيل ٺهي ايم پي ايز جو تعلق ٺٽي ضلعي سان نہ هجڻ ڪري بيحسي جو مظاهرو ٿي رهيو آهي

بقايا 28 سنڌيار

معمولي ڳالهہ تان جهيڙو ٿي پيو جنهن دوران لٺيون لڳڻ ڪري پرائمري اسڪول ٿو جي هيڊ ماسٽر سائين شمس الدين شيخائي ميمڻ جو پٽ بهاول ۽ رمضان شيخائي زخمي ٿي پيا جن کي علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو

بقايا 29 سنڌيار

مان ايندڙ مهيني 914 حاجي پلي پار ويندا. ان ڏس ۾ ڪمشنر سکر ڊويزن غلام مصطفي ڦل جي صدارت هيٺ حاجين کي سموريون سهولتون فراهم ڪرڻ. لاڳاپيل کاتن پاران تياريون، سيڪيورٽي سميت ٻين اپائن بابت اهم اجلاس ڪمشنر ڪيمپس آفيس سکر ۾ ٿيو اجلاس ۾ حج ڊائريڪٽوريٽ، پي آءِ اي، ايف آءِ اي، ائيرپورٽ سيڪيورٽي فورس، بيگم نصرت ڀٽو ائير پورٽ مينيجر، پوليس، صحت سميت ٻين لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ڪمشنر سکر ڊويزن غلام مصطفي ڦل چيو تہ الله سائين جي رضا حاصل ڪرڻ لاءِ حج دين اسلام جو اهم فرض آهي جنهن تحت سمورا مسلمان پنهنجي رب اڳيان حاضري ڀري ديني فريضو ادا ڪندا. ان لاءِ اسان سڀني لاڳاپيل سرڪاري آفيسرن جو فرض آهي تہ حاجين کي هر ممڪن سهولتو فراهم ڪرڻ ۾ اڳڀرا ٿيون. ڪمشنر سکر سمورن کاتن جي آفيسرن کي هدايت ڪئي تہ ايندڙ مهيني حاجين جا روانگي واري نظام کي اڳ کان وڌيڪ بهتر ڪيو وڃي، حاجين کي حج متعلق آگاهي سيمينار، گائيڊ لائن، سميت ٻين سهولتن لاءِ حج ڊائريڪٽوريٽ جي ضابط اخلاق مطابق اڳواٽ رٿا بندي ڪندي ڪم وقت سر مڪمل ڪيو وڃي. هن وڌيڪ چيو تہ حاجين جي سهولت لاءِ سوشل ميڊيا جي توسط سان آگاهي گروپ ٺاهي سندس موبائل فون ۽ تحريري طور سمورون هدايتون ۽ سعودي عرب ۾ قانون جي پاسداري جي حوالي سان اپائن تي سئو سيڪڙو عمل درآمد ڪيو وڃي. ان موقعي تي ڪمشنر سکر ڊويزن ڊائريڪٽر هيلٿ کي هدايت ڏيندي چيو تہ حاجين سڳورن جي روانگي کان پهريان ايئرپورٽ تي ميڊيڪل ڪئمپ قائم ڪئي وڃي. ان موقعي تي حج ڊائريڪٽوريٽ جي ڊائريڪٽر حج نور محمد سومرو ٻڌايو تہ هن سال ايندڙ مهيني ۾ سکر کان 914 حاجي ڇهن فلائيٽن ذريعي پلي پار ويندا. ان سلسلي ۾ سموريون تياريون مڪمل ڪيون ويون آهن ۽ حاجين کي آگاهي ڏيڻ ۽ سعودي عرب جي قانون جي پاسداري ۽ ٻين اهم اپائن لاءِ حج ڪئمپ قائم ڪيو ويندو درخواست گذارن مان ويندڙ حاجين کي گائيڊ لائن لاءِ آفيسرن توڙي عملدران کي مقرر ڪيو ويندو جڏهن حاجين سڳورن کي مقرر وقت کان 02 ڏينهن اڳ حاجي ڪئمپ ۾ اچڻو پوندو، هن ايس ايس پي سکر، آيف آءِ اي، ائيرپورٽ سيڪيورٽي فورس، صحت سميت ٻين کاتن جا آفيسرن کان گهر ڪئي تہ حاجين کي بهتر اخلاقي رويي، پيار ۽ محبت سان دين اسلام جي فرض جي ادائيگي لاءِ روانو ڪرائڻ لاءِ حج ڊائريڪٽوريٽ سان ٻانهن ٻيلي ٿي هن ثواب جي ڪم ۾ پنهنجو مثبت ڪردار ادا ڪن اجلاس ۾ سمورن کاتن جي آفيسرن پنهنجي سهڪار جو يقين ڏياريو

بقايا 30 سنڌيار

جا سپ عهديدار، حيدرآباد ڊويزن باڊي جا سپ عهديدار، ضلعي باڊي حيدرآباد ،ضلعي باڊي جامشورو، ضلعي باڊي ٽنڊوالهيار، ضلعي باڊي ٽنڊو محمد خان، ضلعي باڊي بدين، ضلعي باڊي ٺٽ، ضلعي سڄاول باڊي، يونٽ باڊي بورڊ آف روينيو سنڌ حيدرآباد، يونٽ باڊي ڊائريڪٽر سيٽليمنٽ سروي لينڊ ريڪارڊ جا سپ عهديدار مرڪزي صدر سان گڏ بتاريخ 22.5.2023 سومر جي ڏينهن منجهند جو 2 بجي مرحوم شهيد تپيدار سيد علمدار حسين شاهہ جي ٽڏي تي تعزيت لاءِ پهچندا.

بقايا 31 سنڌيار

پيٽر نہ ڪيو. پوليس آسرا ڏيئي موٽائي ٿو ڇڏي، مون انصاف ڪيو وڃي، بادل خان جتوئي، تفصيل موجب فقيرا ڳوٺ يوسي 7 سهراب ڳوٺ ٽائون جي جنرل ڪائونسلر بادل خان جتوئي صحافين اڳيان داهيندي ٻڌايو تہ آءِ پنهنجي گهر کان 2 لک 80 هزار ڪيش کڻي پلاٽ جا پئسا پهچائڻ لاءِ محمد خان ڪالوني وڃان پيو تہ نادرن بائي پاس اٽڪ پٽمپ ويجهو موٽرسائيڪل سوار ٻن هٿياربندن روڪي ڦر ڪري فرار ٿي ويا، سرجاني پوليس ٿاڻي تي درخواست ڏيڻ باوجود 10 ڏينهن گذري ويا پر پوليس جي دلاسن کان سواءِ ڪجهہ نہ مليو. ان صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ پوليس مدد ڪرڻ لاءِ تيار ڪونهي. ان چيو تہ آءِ ب پ چيرمين بلاول ڀٽو زرداري، وزير اعليٰ سنڌ، آئي جي سنڌ کي اپيل ڪندي چوان ٿو تہ سرجاني ٿاڻي جي پوليس تي زور ڀريو وڃي جيئن مونکان ڦر ڪندڙ ڦورو ٽولي کي گرفتار ڪري منهنجا ڦريل ٿيل رقم مونکي واپس ملي.

بقايا 32 سنڌيار

جي پٽي محلاجي رهواسڻ عورت شبانان جو امڙ سان گڏ ساهرن جي زيادتين خلاف احتجاج ان موقعي تي شبانا دانهيندي چيو تہ مونکي منهنجي ساهرن يونس عباس ۽ منهنجي مڙس معشوق ۽ ٻين مون تي تشدد ڪري ناحق گهر اندر بند ڪري ڇڏيو هو ۽ مونکي منهنجي مائٽن سان ملڻ نہ پيا ڏين جڏهن اڄ منهنجي ماءُ مون سان ملڻ آئي تہ ان تي پڻ تشدد ڪيو ۽ آءِ وجہ ولي پنهنجي ماءُ سان هلي آيس پويان منهنجي ساهرن مون تي ڪوڙا الزام هنيا آهن تہ مان سون ۽ روڪ رقم کڻي وئي آهيان جيڪا سراسر ڪوڙيون ڳالهيون آهن مان هٿين خالي پنهنجي ماءُ سان آئي آهيان ان موقعي تي سندس ماءُ ٻڌايو تہ مان اڄ پنهنجي ڌي سان ملڻ ويس تہ ان جي ساهرن عباس ۽ گل حسن مون تي تشدد ڪيو ۽ چيوت تون پنهنجي ڌي سان سان چو ملڻ آئي آهين جڏهن تہ انهن سان مٽي تيل ۽ ڪيترائي سال گذري وڃڻ باوجود مونکي ان جو عيوضون پيا ڏين متاثر عورت اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي تہ نوٽيس وٺي مون سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا 33 سنڌيار

ايس پي ڊاڪٽر عبدالخالق پيرزادو دادو جي اي سيڪشن ٿاڻي جي انچارج ايس ايڇ او انسپيڪٽر علي اڪبر چنر کي هٽائي بينظير جمالي کي ايس ايڇ او مقرر ڪيو آهي جنهن چارج وٺي ڪم شروع ڪري ڇڏيو آهي واضع رهي تہ دادو پوليس جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ليڊيز انسپيڪٽر کي ايس ايڇ او مقرر ڪيو ويو آهي.

بقايا 34 سنڌيار

دڙو سميت پرپاسي جي مختلف علائقن ۾ روزانو مليريا جا سوين مريض رپورٽ ٿيڻ لڳا. دڙو جي سرڪاري اسپتال سميت پرائيوٽ اسپتالون مليريا جي مريضن سان ڀرجي ويون آهن. جڏهن تہ اسپتالن ۾ ڊاڪٽرن، دوائن ۽ ٻين سهولتن جي سخت اڻاٺ سبب مليريا ۽ گيسٽرو جا سوين مريض بي يارومددگار بڻيل آهن. شهر دڙو ۽ آسپاس جي سوين ڳوٺن ۾ ڪافي وقت کان وٺي مڇرن کان بچاءَ لاءِ اسپري نہ ٿيڻ سبب ڊينگي مليريا تباهي مچائي ڇڏي آهي، جنهن سبب سوين ٻار، عورتون، جوان ۽ وڏي عمر جا ماڻهو ڊائريا ۾ مبتلا ٿي ويا آهن. سمورين سرڪاري اسپتالن توڙي پرائيويٽ اسپتالن ۾ مليريا جا روزانو سوين ڪيس رپورٽ ٿي رهيا آهن. جڏهن تہ هر گهر جا 2 کان 3 ماڻهو مليريا ۾ مبتلا ٿيل آهن. ان ڏس ۾ هتان جي شهرين ۽ مختلف سياسي سماجي اڳواڻن اسلم سومرو، انور ملاح، اقبال سومرو، منور ميمڻ، شاهنواز سومرو ۽ ٻين دڙو ۾ مڇرمار اسپري نہ ٿيڻ جي صورت ۾ مليريا جي ڪيسن ۾ واڌ تي سخت ڳڻتي ظاهر ڪندي سخت احتجاج ڪيو آهي، هنن سنڌ حڪومت، صحت کاتي جي اعليٰ اختيارين سميت ڊي سي ۽ ڊي ايڇ او سڄاول کان مطالبو ڪيو آهي تہ دڙو ۽ پرپاسي جي مختلف ڳوٺن ۾ مليريا تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ صحت کاتي جون خاص موبائيل ٽيمون موڪليون وڃن.

بقايا 35 سنڌيار

جي تعمير بعد سابق صوبائي وزير ٽرانسپورٽ سنڌ سيد اويس قادر شاهہ ضرورت مندن کي گهرن جون چاٻيون ڏنيون. ان موقعي تي سي سي او امپاورمنٽ فائونڊيشن پرويز سولنگي ايم پي اي سيد اويس قادر شاهہ کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو تہ 60 گهرن سوين هيند پمپن ۽ ڳوٺ محمد علي شاهہ فلٽر پلانٽ لڳايو آهي ۽ مريم ماڊل اسڪول ناهيو آهي. ان موقعي تي تقريب کي سيد اويس قادر شاهہ خطاب ڪندي چيو تہ سنڌ حڪومت جي سهڪار سان گذريل سال ٻوڏ سبب جيڪي تباهڪاريون آيون هيون انهن متاثرين جي گهرن جي بحالي جي لاءِ سماجي تنظيمن سان گڏجي تباهہ حال گهرن جي بحالي وارو ڪم تيزي سان جاري آهي. پهرين مرحلي ۾ پنهنجي تڪ پي ايس 23 تعلقا روهڙي ۽ صالح پٽ تعلقن ۾ سوين گهر مڪمل طور تباهہ ٿي ويا هئا جن گهرن جي سنڌ حڪومت سروي ڪرائي هئي. جن گهرن جي تعمير جو ڪم شروع ٿي چڪو آهي. انڊس امپاورمنٽ فائونڊيشن جي سهڪار سان تعلقي روهڙي ۾ 13 هائوسنگ اسڪيم ڳوٺ محمد شاهہ ۽ ڳوٺ ڪلري ۾ 20 هائوس اسڪيم ناهيون ويون آهن جڏهن تہ باقين تي ڪم هلندڙ آهي. صالح پٽ ۾ انڊس امپاورمنٽ فائونڊيشن جي سهڪار سان يونين ڪائونسل اڪبر پورهہ مڊل مريم ماڊل اسڪول ڳوٺ محمد شاهہ آر او پلانٽ لڳايو جن جو افتتاح ڪندي خوشي ٿي رهي آهي. اسڪول ۾ 300 کان وڌيڪ شاگرديائيون ۽ شاگرد تعليم حاصل ڪندا. هن وڌيڪ چيو تہ جتي بہ قدرتي آفتن سبب تباهي ٿي آهي سنڌ حڪومت انهن متاثر علائقن جو ازالو ڪيو آهي. سوين ڳوٺن ۾ هيند پمپ بہ لڳي چڪا آهن.

بقايا 36 سنڌيار

بلڊر پاران رهائشي منصوبي جي تحفظ تعمير ڪرايل ديوار توڙي ڳوٺ جو لنگهہ ناهڻ واري عمل کان روڪڻ تي ٻرڙا ذات سان تعلق رکندڙ ڪجهہ ماڻهن هٿيار ڪهاڙيون، ڏنڊا سان ڪري حملو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ نازيبا ٻولي استعمال ڪندي موٽمار ڌمڪيون پڻ ڏنيون ڊاڪٽر عابد مظهر صحافين کي واقعي بابت ٻڌايو تہ آئون ڪجهہ سالن کان پنهنجي فيملي سان فيضان ستي ۾ رهان ٿو گهر اڳيان ٻاهران ماڻهن جي روڪ لاءِ بلڊر پاران ديوار جوڙيل آهي جنهن کي توڙڻ لاءِ عبدالله گبول جا رهواسي ماڻهو جيڪي ٻرڙا برادري تعلق رکن ٿا آيا جن کي آئون منع ڪيو تہ منهنجو ديوار پرسان گهر آهي ان ڪري هتان ديوار توڙي غيرقانوني لنگهہ نہ ناهيو چاڪاڻ تہ ديوار توڙي رستو ناهڻ ٻين علائقن جا ڌوهاري ماڻهو گذر ڪن ٿا ۽ سڪيورٽي جو مسئلو بہ پيدا ٿئي ٿو جنهن تي جوابدار هٿيار ڪڍي آيا ۽ گهٽ وڌ ڳالهائي ڌمڪيون ڏنيون تہ جيڪڏهن تو منع ڪيو تہ توکي ۽ خاندان کي ماري ڇڏينداسين ڌمڪين بعد آئون خاندان سميت عدم تحفظ جو شڪار ٿي ويو آهيان جنهن ڪري ڌوهارين مان جان ڇڏائي وڃي آئون اي آئي جي ڪراچي، ايس ايس پي اولهہ کان گهر ڪريان ٿو تہ ديوار توڙي ڌمڪيون ڏيندڙ جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 37 سنڌيار

ڪيو ويو ورڪشاپ جي صدارت پروفيسر ڊاڪٽر تاج محمد لاشاري ڊين فيڪلٽي آف سوشل سائنسز ڪئي، ان موقعي تي خطاب ڪندي پروفيسر ڊاڪٽر تاج محمد لاشاري چيو تہ ذهني دٻاءُ کي گهٽائڻ لاءِ اسان کي اسلامي حڪمن موجب سادي زندگي گذارڻ گهرجي. جڏهن اسان وٽ آسائشن بدران محدود عزائم هوندا تہ ذهني دٻاءُ گهٽجي ويندو. هن چيو تہ ميڊيڪل سائنس ۾ ذهني صحت جي تمام گهڻي اهميت آهي. هن تجويز ڏني تہ نوجوانن کي ذهني صحت بابت آگاهي ڏيڻ لاءِ ڪاليج ۽ يونيورسٽي سطح تي ذهني صحت ۽ ذهني دٻاءُ جو مضمون متعارف ڪرايو وڃي. ڊاڪٽر تاج محمد لاشاري وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر خليل احمد ابوپوٽو کي ڪيمپس ۾ تربيت جي صحتمند ڪلچر کي هٿي ڏيڻ تي ساراهيو غلام محمد مهر ميڊيڪل ڪاليج سکر جو ڊاڪٽر غلام رسول رند ۽ شهيد محترمہ بينظير ڀٽو ميڊيڪل يونيورسٽي لاڙڪاڻو جو ڊاڪٽر رحمت علي وڳڻ ورڪشاپ جا ريسورس پرسن هئا. هن چيو تہ دٻاءُ هڪ نفسياتي عدم توازن جي حالت آهي. هن چيو تہ ذهني دٻاءُ ماڻهن جي رويي تي منفي اثر وجهندو آهي. هن نوجوانن کي صلاح ڏني تہ هو صحتمند خوراڪ جي عادت اختيار ڪن. ان کان علاوه راندين جي سرگرمين جهڙوڪ گهمڻ ڦرڻ، ورزش ڪرڻ ۽ پنهنجي مذهب تي عمل ڪرڻ ذهني دٻاءُ کي گهٽائڻ ۾ مدد ملي ٿي. ان کان علاوه نوجوان منشيات جي عادت، آئس ۽ سگريٽ ڇڪڻ کان پاسو ڪن ۽ صحتمند سرگرمين ۾ حصو وٺن هوپ فار آل جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر رابعہ مرزا يونيورسٽي جي مهمان نوازي کي ساراهيو هن چيو تہ اسان جوادارو نوجوانن جي بهتري لاءِ ڪم ڪري رهيو آهي. اسان کي ذهني دٻاءُ تي ضابطو آڻڻ ۽ صحتمند ذهني صحت لاءِ قدم کڻڻا پوندا. رابعہ مرزا وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر خليل احمد ابوپوٽو کي ڪيمپس ۾ بهترين تربيتي ماحول فراهم ڪرڻ تي ساراهيو ۽ ورڪشاپ جي انعقاد ۾ غير مشروط سهڪار تي ڊاڪٽر علي رضا لاشاري جو بہ شڪريو ادا ڪيو ورڪشاپ ۾ اسٽيج سيڪريٽري جا فرائجض اسٽوڊنٽس سوسائٽي سينٽر جي انچارج ڊاڪٽر علي رضا لاشاري سرانجام ڏنا. ورڪشاپ ۾ طارق بن عمر، سيد طارق حسين شاهہ، سائره بانو چانڊيو، سعديہ لاڙڪ، تاج محمود رند، محمد هاشم پٽي ۽ شاگردن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي.

بقايا 38 سنڌيار

پيپلز پارٽي جي پوري سگهہ ۽ طاقت باوجود ميرپور ساڪرو شهر جي ٽائون ڪميٽي تان آزاد گروپ طور اليڪشن ۾ ڪاميابي ماڻڻ ڪان پوءِ آزاد گروپ کي ڇڏي پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿيندڙ ڪائونسلر عزيز ڪتي پيپلز پارٽي سان ناراضگي بعد ڪائونسلر جي سيٽ تان استعيفا ڏيڻ ڪانپوءِ پاڪستان ڇڏي ويو تفصيلن مطابق ميرپور ساڪرو ٽائون ڪميٽي جي بلدياتي اليڪشن ۾ چونڊيل آزاد ڪائونسلر عبدالعزيز ڪتي اوچتو پيپلزپارٽي ڪان ناراض ٿي ڪائونسلر جي سيٽ تان استعفيٰ ڏئي ٻاهرين ملڪ روانو ٿي ويو. جنهن ڪانپوءِ چيئرمين وائيس چيئرمين جي چونڊ رولڙي جوشڪار ٿي وئي ساڪرو ۾ سياسي وايومنڊل تبديل ٿي ويو آهي ڪائونسلر عزيز ڪتي چيو آهي تہ ب پ منهنجي عزت نہ ڪئي تنهن ڪري پنهنجي ڪائونسلر جي سيٽ تان استعيفا ڏيان ٿو ياد رهي تہ بلدياتي اليڪشن دوران ب پ جي اڳوڻي اڳواڻ ۽ سابق چيئرمين اقبال خاصخيلي پاران پيپلز پارٽي ڪان ناراض ٿي آزاد گروپ جوڙي آزاد حيثيت ۾ اليڪشن ڪتي ٿي ضلعي جي سياست ۾ هڪ وڏو اپ سيٽ ڏنو هو جنهن ۾ سندس گروپ تان آزاد اميدوار طور ڪائونسلر جي اليڪشن ۾ ڪاميابي ماڻيندڙ عزيز ڪتي پيپلز پارٽي ضلعي ٺٽي پاران دٻاءَ پوڻ ڪانپوءِ پي ايس 78 گهوڙاباري تان چونڊيل ايم پي اي علي حسن زرداري سان ملاقات ڪري پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان ڪيو هو پر گذريل رات اوچتو پيپلز پارٽي سميت ڪائونسلر جي سيٽ تان پڻ استعيفا ڏيڻ جو اعلان ڪرڻ ڪانپوءِ ملڪ ڇڏي هلي ويو عزيز ڪتي پاران استعيفا ڪانپوءِ ميرپور ساڪرو شهر جي ٽائون ڪميٽي جي چيئرمن شپ رولڙي جوشڪار ٿي وئي آهي جنهن ڪانپوءِ ميرپور ساڪرو جي سياست ۾ هڪ نئون موڙ اچي چڪو آهي

بقايا 39 سنڌيار

ڪورائي محمد حسن زرداري ماجد قل ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا ان موقعي تي اڳواڻن چيو تہ گذريل رات قل ريگيوليٽر تي ويگو تي سوار هٿيار بند زميندار فرحان علي ڏاهري ڊرائيور مبين ابڙو عبدالحفيظ ڏاهري سڪندر وڳڻ ۽ پنج نامعلوم جوابدار هٿيارن جي زور تي گيج کان وڌيڪ زبردستي ريگيوليٽر کولي رهيا هئا تہ اتي موجود ايريگيشن جي ملازم وسيم خان مشوري آئين ڪرڻ کان روڪيو ۽ چيو گيج کان وڌيڪ پاڻي کولڻ سان ڳوٺ ٻڏندا ۽ وڏو نقصان ٿيندو جنهن تي هٿياربندن ملازم کي بدترين تشدد جو نشانو بڻائي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ٻين ملازمن جي اچڻ تي هٿياربند ملازم کي موٽمار ڌمڪيون ڏيندا ڏوڙائا ٿي ويا هنن چيو تہ اهڙي شڪايت ڪئي اسان قل ٿاڻي تي ويا سين تہ هنن حد نہ هجڻ جو جواز ڄاڻي اسان جو ڪيس داخل نہ ڪيو ان ڪان پوءِ اسان نوشهروفيروز ٿاڻي تي آياسين جتي پوليس وارن اسان کي چيو تہ جيستائين ايس ايڇ او حنيف مهر اسان کي حڪم نہ ڪندو اسان ڪيس داخل نہ ڪنداسين اسان ڪيترائي ڪلاڪ ٿاڻي اڳيان بيٺا رهياسين پر اسان جوهن مهل تائين ڪيس داخل نہ ڪيو ويو آهي اڳواڻن جو چوڻ هو تہ نوشهروفيروز پوليس ايريگيشن جي ملازمن کي تحفظ ڏيڻ بجاءِ بااثر دهشتگرد زميندار ۽ ان جي وانن جي ونگارو بڻجي چڪي آهي ملازمن آءِ جي سنڌ ۽ ٻين اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو تہ پوتارن جي ونگارو بڻيل ڪرپٽ پوليس ايس ايڇ او حنيف مهر خلاف ڪارروائي ڪري ملازم جو ڪيس داخل ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ سڄي سنڌ اندر ايريگيشن جا ملازم سراپا احتجاج بڻجي پوندا

بقايا 40 سنڌيار

مان ايندڙ مهيني 914 حاجي پلي پار ويندا. ان ڏس ۾ ڪمشنر سکر ڊويزن غلام مصطفي ڦل جي صدارت هيٺ حاجين کي سموريون سهولتون فراهم ڪرڻ. لاڳاپيل کاتن پاران تياريون، سيڪيورٽي سميت ٻين اپائن بابت اهم اجلاس ڪمشنر ڪيمپس آفيس سکر ۾ ٿيو اجلاس ۾ حج ڊائريڪٽوريٽ، پي آءِ اي، ايف آءِ اي، ائيرپورٽ سيڪيورٽي فورس، بيگم نصرت ڀٽو ائير پورٽ مينيجر، پوليس، صحت سميت ٻين لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ڪمشنر سکر ڊويزن غلام مصطفي ڦل چيو تہ الله سائين جي رضا حاصل ڪرڻ لاءِ حج دين اسلام جو اهم فرض آهي جنهن تحت سمورا مسلمان پنهنجي رب اڳيان حاضري ڀري ديني فريضو ادا ڪندا. ان لاءِ اسان سڀني لاڳاپيل سرڪاري آفيسرن جو فرض آهي تہ حاجين کي هر ممڪن سهولتو فراهم ڪرڻ ۾ اڳڀرا ٿيون. ڪمشنر سکر سمورن کاتن جي آفيسرن کي هدايت ڪئي تہ ايندڙ مهيني حاجين جا روانگي واري نظام کي اڳ کان وڌيڪ بهتر ڪيو وڃي، حاجين کي حج متعلق آگاهي سيمينار، گائيڊ لائن، سميت ٻين سهولتن لاءِ حج ڊائريڪٽوريٽ جي ضابط اخلاق مطابق اڳواٽ رٿا بندي ڪندي ڪم وقت سر مڪمل ڪيو وڃي. هن وڌيڪ چيو تہ حاجين جي سهولت لاءِ سوشل ميڊيا جي توسط سان آگاهي گروپ ٺاهي سندس موبائل فون ۽ تحريري طور سمورون هدايتون ۽ سعودي عرب ۾ قانون جي پاسداري جي حوالي سان اپائن تي سئو سيڪڙو عمل درآمد ڪيو وڃي. ان موقعي تي ڪمشنر سکر ڊويزن ڊائريڪٽر هيلٿ کي هدايت ڏيندي چيو تہ حاجين سڳورن جي روانگي کان پهريان ايئرپورٽ تي ميڊيڪل ڪئمپ قائم ڪئي وڃي. ان موقعي تي حج ڊائريڪٽوريٽ جي ڊائريڪٽر حج نور محمد سومرو ٻڌايو تہ هن سال ايندڙ مهيني ۾ سکر کان 914 حاجي ڇهن فلائيٽن ذريعي پلي پار ويندا. ان سلسلي ۾ سموريون تياريون مڪمل ڪيون ويون آهن ۽ حاجين کي آگاهي ڏيڻ ۽ سعودي عرب جي قانون جي پاسداري ۽ ٻين اهم اپائن لاءِ حج ڪئمپ قائم ڪيو ويندو درخواست گذارن مان ويندڙ حاجين کي گائيڊ لائن لاءِ آفيسرن توڙي عملدران کي مقرر ڪيو ويندو جڏهن حاجين سڳورن کي مقرر وقت کان 02 ڏينهن اڳ حاجي ڪئمپ ۾ اچڻو پوندو، هن ايس ايس پي سکر، آيف آءِ اي، ائيرپورٽ سيڪيورٽي فورس، صحت سميت ٻين کاتن جا آفيسرن کان گهر ڪئي تہ حاجين کي بهتر اخلاقي رويي، پيار ۽ محبت سان دين اسلام جي فرض جي ادائيگي لاءِ روانو ڪرائڻ لاءِ حج ڊائريڪٽوريٽ سان ٻانهن ٻيلي ٿي هن ثواب جي ڪم ۾ پنهنجو مثبت ڪردار ادا ڪن اجلاس ۾ سمورن کاتن جي آفيسرن پنهنجي سهڪار جو يقين ڏياريو

وارھ سماجي ٻراين غير معياري انساني زندگي لاءِ هاڃيڪار شين جي روڪٿام لاءِ احتجاج

جيڪال ڪلهوڙو ڊاڪٽر دريا خان ميرجت نثار اميراڻي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي

شهر ۾ غير معياري انساني جانين لاءِ هاڃيڪار شيئن جو وڪرو بند ڪرائي وڃي: مظاهرين

وارھ (رپورٽ:طالب حسين چانڊيو) وارھ سماجي ٻراين غير معياري انساني زندگي لاءِ هاڃيڪار شيئن جي روڪٿام ۽ بدامني خلاف سوشل فورم وارھ طرفان جيڪال ڪلهوڙو ڊاڪٽر دريا خان ميرجت نثار اميراڻي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ تعلقہ پريس ڪلب وارھ اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ اسان جا چار جائز مطالبا آهن جن ۾ شهر ۾ غير معياري انساني جانين لاءِ هاڃيڪار شيئن جو وڪرو بند ڪرڻ منافعي خور واپارين خلاف قانوني ڪارروائي ڪرڻ شهر جو امن امان بحال ڪرائڻ ۽ منشيات فروشن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري منشيات جا اڏا بند ڪرائي نوجوان نسل بچايو وڃي ان موقعي تي هنن چتاءُ ڏيندي چيو تہ جيستائين اسان جي جائز مطالبن جو نوٽيس نہ ٿو ورتو وڃي تيستائين اسان جو پرامن احتجاج جاري رهندو.

حيدرآباد ۾ سول سوسائٽي پاران پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريلي ڪڍي وئي

سول سوسائٽي پاران ڪينٽ قبرستان کان پريس ڪلب تائين گشت ڪيو ويو

ڪنهن صورت ۾ فوج ۽ ٻين ادارن خلاف بيانبازي کي برداشت نہ ڪيو ويندو: اڳواڻ

حيدرآباد (رپورٽر) حيدرآباد ۾ سول سوسائٽي پاران پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريلي ڪڍي وئي پاڪ فوج سان يڪجهتيءَ جو اظهار ڪيو ويو سول سوسائٽي پاران ڪينٽ قبرستان کان پريس ڪلب تائين ڪڍيل ريلي ۾ شريڪ ماڻهن کي پاڪ فوج جي حمايت ۾ بينر کنيل هئا. جڏهن تہ ريلي ۾ شريڪ ماڻهن جو چوڻ هو تہ هڪ سياسي جماعت منظم نموني پاڪ فوج خلاف ڪارروايون شروع ڪري دشمن جي ايجنڊا کي اڳتي وڌائي رهي آهي. ريلي کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو تہ اسين پاڪ فوج سان هر وقت گڏ آهيون ۽ ڪنهن صورت ۾ فوج ۽ ان جي ٻين ادارن خلاف ڪنهن بہ شيءِ کي برداشت نہ ڪيو ويندو هنن وڌيڪ چيو تہ حيدرآباد جو عوام پنهنجي فوج سان گڏ آهي ۽ ڪنهن بہ صورت ۾ فوج ۽ ان جي ادارن تي حملن کي برداشت نہ ڪندو هنن چتاءُ ڏيندي چيو تہ جيڪڏهن اها روش ختم نہ ڪئي وئي تہ پوءِ سنڌ گهرن سان نڪرڻ بند ٿي ويندو.

بقايا 41 سنڌيار

ڏينهن شام جي وقت ٺٽي جي شاهي بازار جي آخري چوڪ شيخ فريد چوڪ لڳ بدنام زمانا منشيات فروش ۽ ڪيترن ئي ڪيسن ۾ چالان ٿيل ڌوهاري شاهو بروهي پاران برگر وڪڻي پنهنجن ٻچن جو پيٽ گذر ڪندڙ پورهيت جميل احمد عباسي مٿان اوچتو حملو ڪري ڏنو پورهيت جميل عباسي پاران پنهنجي جان بچائڻ لاءِ ڀڄندي سندس گهر پرسان اوطاق جي ڪمري ۾ دروازو بند ڪري لڪي پنهنجي جان بچائڻ جي ڪوشش ڪئي جڏهن تہ پورهيت جي پويان لڳل ڌوهاري شاهو بروهي سندس سائين سميت اوطاق اندر داخل ٿي ڪمري جو در ڀڃي ڪيس چاڪو ڏنڊن ۽ هٿوڙي جا وار ڪري سخت زخمي ڇڏيو جڏهن تہ اوطاق تي موجود سندس ڀاءُ جاويد عباسي ۽ ٻين پورهيت جميل عباسي کي ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن تي جوابدارن ڏنڊو هٿي سندس ننڍي ڀاءُ جاويد عباسي کي پڻ زخمي ڪري ڇڏيو رڙين ۽ دانهن ڪانپوءِ پاڙي جي ماڻهن جي پهچڻ تي حملي ڪندڙ ڌوهاري ڌمڪيون ڏيندا ڀڄي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا، پاڻهي موقعي تي متاثرن ۽ پاڙي وارن پاران پوليس کي اطلاع ڏيڻ ڪانپوءِ پوليس پوسٽ ٺٽو جي منشي بروقت پهچي تفصيل ورت جنهن ڪانپوءِ زخمي پورهيت جميل احمد عباسي جي شڪايت تي پوليس حملو ڪندڙ ڌوهارين سهيل بريچو، شاهو بروهي، شاهد عرف چي چي ناهيو ۽ ٻن نامعلومن خلاف ڪيس داخل ڪري زخمين کي ميڊيڪل ليٽر جاري ڪري ڇڏيا، جڏهن تہ پوليس پاران جاچ جو عمل شروع ٿي ويو آهي، ٻئي پاسي هيل تائين ڪنهن بہ ڌوهاري جي گرفتاري عمل ۾ نہ اچي سگهي آهي، انهي موقعي تي صحافين سان ڳالهائيندي متاثر پورهيت جميل احمد، جاويد عباسي ايس ايس پي ٺٽو کان انصاف جي گهر ڪندي ملزمن جي گرفتاري جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا 42 سنڌيار

ڏينهن شام جي وقت ٺٽي جي شاهي بازار جي آخري چوڪ شيخ فريد چوڪ لڳ بدنام زمانا منشيات فروش ۽ ڪيترن ئي ڪيسن ۾ چالان ٿيل ڌوهاري شاهو بروهي پاران برگر وڪڻي پنهنجن ٻچن جو پيٽ گذر ڪندڙ پورهيت جميل احمد عباسي مٿان اوچتو حملو ڪري ڏنو پورهيت جميل عباسي پاران پنهنجي جان بچائڻ لاءِ ڀڄندي سندس گهر پرسان اوطاق جي ڪمري ۾ دروازو بند ڪري لڪي پنهنجي جان بچائڻ جي ڪوشش ڪئي جڏهن تہ پورهيت جي پويان لڳل ڌوهاري شاهو بروهي سندس سائين سميت اوطاق اندر داخل ٿي ڪمري جو در ڀڃي ڪيس چاڪو ڏنڊن ۽ هٿوڙي جا وار ڪري سخت زخمي ڇڏيو جڏهن تہ اوطاق تي موجود سندس ڀاءُ جاويد عباسي ۽ ٻين پورهيت جميل عباسي کي ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن تي جوابدارن ڏنڊو هٿي سندس ننڍي ڀاءُ جاويد عباسي کي پڻ زخمي ڪري ڇڏيو رڙين ۽ دانهن ڪانپوءِ پاڙي جي ماڻهن جي پهچڻ تي حملي ڪندڙ ڌوهاري ڌمڪيون ڏيندا ڀڄي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا، پاڻهي موقعي تي متاثرن ۽ پاڙي وارن پاران پوليس کي اطلاع ڏيڻ ڪانپوءِ پوليس پوسٽ ٺٽو جي منشي بروقت پهچي تفصيل ورت جنهن ڪانپوءِ زخمي پورهيت جميل احمد عباسي جي شڪايت تي پوليس حملو ڪندڙ ڌوهارين سهيل بريچو، شاهو بروهي، شاهد عرف چي چي ناهيو ۽ ٻن نامعلومن خلاف ڪيس داخل ڪري زخمين کي ميڊيڪل ليٽر جاري ڪري ڇڏيا، جڏهن تہ پوليس پاران جاچ جو عمل شروع ٿي ويو آهي، ٻئي پاسي هيل تائين ڪنهن بہ ڌوهاري جي گرفتاري عمل ۾ نہ اچي سگهي آهي، انهي موقعي تي صحافين سان ڳالهائيندي متاثر پورهيت جميل احمد، جاويد عباسي ايس ايس پي ٺٽو کان انصاف جي گهر ڪندي ملزمن جي گرفتاري جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا 43 سنڌيار

جي پٽي محلاجي رهواسڻ عورت شبانان جو امڙ سان گڏ ساهرن جي زيادتين خلاف احتجاج ان موقعي تي شبانا دانهيندي چيو تہ مونکي منهنجي ساهرن يونس عباس ۽ منهنجي مڙس معشوق ۽ ٻين مون تي تشدد ڪري ناحق گهر اندر بند ڪري ڇڏيو هو ۽ مونکي منهنجي مائٽن سان ملڻ نہ پيا ڏين جڏهن اڄ منهنجي ماءُ مون سان ملڻ آئي تہ ان تي پڻ تشدد ڪيو ۽ آءِ وجہ ولي پنهنجي ماءُ سان هلي آيس پويان منهنجي ساهرن مون تي ڪوڙا الزام هنيا آهن تہ مان سون ۽ روڪ رقم کڻي وئي آهيان جيڪا سراسر ڪوڙيون ڳالهيون آهن مان هٿين خالي پنهنجي ماءُ سان آئي آهيان ان موقعي تي سندس ماءُ ٻڌايو تہ مان اڄ پنهنجي ڌي سان ملڻ ويس تہ ان جي ساهرن عباس ۽ گل حسن مون تي تشدد ڪيو ۽ چيوت تون پنهنجي ڌي سان سان چو ملڻ آئي آهين جڏهن تہ انهن سان مٽي تيل ۽ ڪيترائي سال گذري وڃڻ باوجود مونکي ان جو عيوضون پيا ڏين متاثر عورت اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي تہ نوٽيس وٺي مون سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا 44 سنڌيار

ڪيو ويو ورڪشاپ جي صدارت پروفيسر ڊاڪٽر تاج محمد لاشاري ڊين فيڪلٽي آف سوشل سائنسز ڪئي، ان موقعي تي خطاب ڪندي پروفيسر ڊاڪٽر تاج محمد لاشاري چيو تہ ذهني دٻاءُ کي گهٽائڻ لاءِ اسان کي اسلامي حڪمن موجب سادي زندگي گذارڻ گهرجي. جڏهن اسان وٽ آسائشن بدران محدود عزائم هوندا تہ ذهني دٻاءُ گهٽجي ويندو. هن چيو تہ ميڊيڪل سائنس ۾ ذهني صحت جي تمام گهڻي اهميت آهي. هن تجويز ڏني تہ نوجوانن کي ذهني صحت بابت آگاهي ڏيڻ لاءِ ڪاليج ۽ يونيورسٽي سطح تي ذهني صحت ۽ ذهني دٻاءُ جو مضمون متعارف ڪرايو وڃي. ڊاڪٽر تاج محمد لاشاري وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر خليل احمد ابوپوٽو کي ڪيمپس ۾ تربيت جي صحتمند ڪلچر کي هٿي ڏيڻ تي ساراهيو غلام محمد مهر ميڊيڪل ڪاليج سکر جو ڊاڪٽر غلام رسول رند ۽ شهيد محترمہ بينظير ڀٽو ميڊيڪل يونيورسٽي لاڙڪاڻو جو ڊاڪٽر رحمت علي وڳڻ ورڪشاپ جا ريسورس پرسن هئا. هن چيو تہ دٻاءُ هڪ نفسياتي عدم توازن جي حالت آهي. هن چيو تہ ذهني دٻاءُ ماڻهن جي رويي تي منفي اثر وجهندو آهي. هن نوجوانن کي صلاح ڏني تہ هو صحتمند خوراڪ جي عادت اختيار ڪن. ان کان علاوه راندين جي سرگرمين جهڙوڪ گهمڻ ڦرڻ، ورزش ڪرڻ ۽ پنهنجي مذهب تي عمل ڪرڻ ذهني دٻاءُ کي گهٽائڻ ۾ مدد ملي ٿي. ان کان علاوه نوجوان منشيات جي عادت، آئس ۽ سگريٽ ڇڪڻ کان پاسو ڪن ۽ صحتمند سرگرمين ۾ حصو وٺن هوپ فار آل جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر رابعہ مرزا يونيورسٽي جي مهمان نوازي کي ساراهيو هن چيو تہ اسان جوادارو نوجوانن جي بهتري لاءِ ڪم ڪري رهيو آهي. اسان کي ذهني دٻاءُ تي ضابطو آڻڻ ۽ صحتمند ذهني صحت لاءِ قدم کڻڻا پوندا. رابعہ مرزا وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر خليل احمد ابوپوٽو کي ڪيمپس ۾ بهترين تربيتي ماحول فراهم ڪرڻ تي ساراهيو ۽ ورڪشاپ جي انعقاد ۾ غير مشروط سهڪار تي ڊاڪٽر علي رضا لاشاري جو بہ شڪريو ادا ڪيو ورڪشاپ ۾ اسٽيج سيڪريٽري جا فرائجض اسٽوڊنٽس سوسائٽي سينٽر جي انچارج ڊاڪٽر علي رضا لاشاري سرانجام ڏنا. ورڪشاپ ۾ طارق بن عمر، سيد طارق حسين شاهہ، سائره بانو چانڊيو، سعديہ لاڙڪ، تاج محمود رند، محمد هاشم پٽي ۽ شاگردن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي.

بقايا 45 سنڌيار

جي تعمير بعد سابق صوبائي وزير ٽرانسپورٽ سنڌ سيد اويس قادر شاهہ ضرورت مندن کي گهرن جون چاٻيون ڏنيون. ان موقعي تي سي سي او امپاورمنٽ فائونڊيشن پرويز سولنگي ايم پي اي سيد اويس قادر شاهہ کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو تہ 60 گهرن سوين هيند پمپن ۽ ڳوٺ محمد علي شاهہ فلٽر پلانٽ لڳايو آهي ۽ مريم ماڊل اسڪول ناهيو آهي. ان موقعي تي تقريب کي سيد اويس قادر شاهہ خطاب ڪندي چيو تہ سنڌ حڪومت جي سهڪار سان گذريل سال ٻوڏ سبب جيڪي تباهڪاريون آيون هيون انهن متاثرين جي گهرن جي بحالي جي لاءِ سماجي تنظيمن سان گڏجي تباهہ حال گهرن جي بحالي وارو ڪم تيزي سان جاري آهي. پهرين مرحلي ۾ پنهنجي تڪ پي ايس 23 تعلقا روهڙي ۽ صالح پٽ تعلقن ۾ سوين گهر مڪمل طور تباهہ ٿي ويا هئا جن گهرن جي سنڌ حڪومت سروي ڪرائي هئي. جن گهرن جي تعمير جو ڪم شروع ٿي چڪو آهي. انڊس امپاورمنٽ فائونڊيشن جي سهڪار سان تعلقي روهڙي ۾ 13 هائوسنگ اسڪيم ڳوٺ محمد شاهہ ۽ ڳوٺ ڪلري ۾ 20 هائوس اسڪيم ناهيون ويون آهن جڏهن تہ باقين تي ڪم هلندڙ آهي. صالح پٽ ۾ انڊس امپاورمنٽ فائونڊيشن جي سهڪار سان يونين ڪائونسل اڪبر پورهہ مڊل مريم ماڊل اسڪول ڳوٺ محمد شاهہ آر او پلانٽ لڳايو جن جو افتتاح ڪندي خوشي ٿي رهي آهي. اسڪول ۾ 300 کان وڌيڪ شاگرديائيون ۽ شاگرد تعليم حاصل ڪندا. هن وڌيڪ چيو تہ جتي بہ قدرتي آفتن سبب تباهي ٿي آهي سنڌ حڪومت انهن متاثر علائقن جو ازالو ڪيو آهي. سوين ڳوٺن ۾ هيند پمپ بہ لڳي چڪا آهن.

بقايا 46 سنڌيار

دڙو سميت پرپاسي جي مختلف علائقن ۾ روزانو مليريا جا سوين مريض رپورٽ ٿيڻ لڳا. دڙو جي سرڪاري اسپتال سميت پرائيوٽ اسپتالون مليريا جي مريضن سان ڀرجي ويون آهن. جڏهن تہ اسپتالن ۾ ڊاڪٽرن، دوائن ۽ ٻين سهولتن جي سخت اڻاٺ سبب مليريا ۽ گيسٽرو جا سوين مريض بي يارومددگار بڻيل آهن. شهر دڙو ۽ آسپاس جي سوين ڳوٺن ۾ ڪافي وقت کان وٺي مڇرن کان بچاءَ لاءِ اسپري نہ ٿيڻ سبب ڊينگي مليريا تباهي مچائي ڇڏي آهي، جنهن سبب سوين ٻار، عورتون، جوان ۽ وڏي عمر جا ماڻهو ڊائريا ۾ مبتلا ٿي ويا آهن. سمورين سرڪاري اسپتالن توڙي پرائيويٽ اسپتالن ۾ مليريا جا روزانو سوين ڪيس رپورٽ ٿي رهيا آهن. جڏهن تہ هر گهر جا 2 کان 3 ماڻهو مليريا ۾ مبتلا ٿيل آهن. ان ڏس ۾ هتان جي شهرين ۽ مختلف سياسي سماجي اڳواڻن اسلم سومرو، انور ملاح، اقبال سومرو، منور ميمڻ، شاهنواز سومرو ۽ ٻين دڙو ۾ مڇرمار اسپري نہ ٿيڻ جي صورت ۾ مليريا جي ڪيسن ۾ واڌ تي سخت ڳڻتي ظاهر ڪندي سخت احتجاج ڪيو آهي، هنن سنڌ حڪومت، صحت کاتي جي اعليٰ اختيارين سميت ڊي سي ۽ ڊي ايڇ او سڄاول کان مطالبو ڪيو آهي تہ دڙو ۽ پرپاسي جي مختلف ڳوٺن ۾ مليريا تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ صحت کاتي جون خاص موبائيل ٽيمون موڪليون وڃن.

بقايا 47 سنڌيار

مان ايندڙ مهيني 914 حاجي پلي پار ويندا. ان ڏس ۾ ڪمشنر سکر ڊويزن غلام مصطفي ڦل جي صدارت هيٺ حاجين کي سموريون سهولتون فراهم ڪرڻ. لاڳاپيل کاتن پاران تياريون، سيڪيورٽي سميت ٻين اپائن بابت اهم اجلاس ڪمشنر ڪيمپس آفيس سکر ۾ ٿيو اجلاس ۾ حج ڊائريڪٽوريٽ، پي آءِ اي، ايف آءِ اي، ائيرپورٽ سيڪيورٽي فورس، بيگم نصرت ڀٽو ائير پورٽ مينيجر، پوليس، صحت سميت ٻين لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ڪمشنر سکر ڊويزن غلام مصطفي ڦل چيو تہ الله سائين جي رضا حاصل ڪرڻ لاءِ حج دين اسلام جو اهم فرض آهي جنهن تحت سمورا مسلمان پنهنجي رب اڳيان حاضري ڀري ديني فريضو ادا ڪندا. ان لاءِ اسان سڀني لاڳاپيل سرڪاري آفيسرن جو فرض آهي تہ حاجين کي هر ممڪن سهولتو فراهم ڪرڻ ۾ اڳڀرا ٿيون. ڪمشنر سکر سمورن کاتن جي آفيسرن کي هدايت ڪئي تہ ايندڙ مهيني حاجين جا روانگي واري نظام کي اڳ کان وڌيڪ بهتر ڪيو وڃي، حاجين کي حج متعلق آگاهي سيمينار، گائيڊ لائن، سميت ٻين سهولتن لاءِ حج ڊائريڪٽوريٽ جي ضابط اخلاق مطابق اڳواٽ رٿا بندي ڪندي ڪم وقت سر مڪمل ڪيو وڃي. هن وڌيڪ چيو تہ حاجين جي سهولت لاءِ سوشل ميڊيا جي توسط سان آگاهي گروپ ٺاهي سندس موبائل فون ۽ تحريري طور سمورون هدايتون ۽ سعودي عرب ۾ قانون جي پاسداري جي حوالي سان اپائن تي سئو سيڪڙو عمل درآمد ڪيو وڃي. ان موقعي تي ڪمشنر سکر ڊويزن ڊائريڪٽر هيلٿ کي هدايت ڏيندي چيو تہ حاجين سڳورن جي روانگي کان پهريان ايئرپورٽ تي ميڊيڪل ڪئمپ قائم ڪئي وڃي. ان موقعي تي حج ڊائريڪٽوريٽ جي ڊائريڪٽر حج نور محمد سومرو ٻڌايو تہ هن سال ايندڙ مهيني ۾ سکر کان 914 حاجي ڇهن فلائيٽن ذريعي پلي پار ويندا. ان سلسلي ۾ سموريون تياريون مڪمل ڪيون ويون آهن ۽ حاجين کي آگاهي ڏيڻ ۽ سعودي عرب جي قانون جي پاسداري ۽ ٻين اهم اپائن لاءِ حج ڪئمپ قائم ڪيو ويندو درخواست گذارن مان ويندڙ حاجين کي گائيڊ لائن لاءِ آفيسرن توڙي عملدران کي مقرر ڪيو ويندو جڏهن حاجين سڳورن کي مقرر وقت کان 02 ڏينهن اڳ حاجي ڪئمپ ۾ اچڻو پوندو، هن ايس ايس پي سکر، آيف آءِ اي، ائيرپورٽ سيڪيورٽي فورس، صحت سميت ٻين کاتن جا آفيسرن کان گهر ڪئي تہ حاجين کي بهتر اخلاقي رويي، پيار ۽ محبت سان دين اسلام جي فرض جي ادائيگي لاءِ روانو ڪرائڻ لاءِ حج ڊائريڪٽوريٽ سان ٻانهن ٻيلي ٿي هن ثواب جي ڪم ۾ پنهنجو مثبت ڪردار ادا ڪن اجلاس ۾ سمورن کاتن جي آفيسرن پنهنجي سهڪار جو يقين ڏياريو